# سنڌ

# جا

# سورما

جي ايم سيد

وائيس آف سنڌ اي بڪ پبلشر

Website: www.voiceofsindh.net E-mail: voiceofsindh12@yahoo.com

# سنڌ جا سُورمَا

(پاڳو ڀھريون)

”مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات“
”شاھہ“

## جي. ايم. سَيد

ڪمپوزنگ: شاھنواز سومرو

وائيس آف سنڌ اي بڪ پبلشر

Website: www.voiceofsindh.net E-mail: voiceofsindh12@yahoo.com

چاپو پهريون آڪٽوبر 1974ع

نئين سنڌ پبليڪيشن
ابراهيم منزل
آءِ- آءِ- چندريگر روڊ
ڪراچي سنڌ

# فهرست

## پيش لفظ

1- راجا ڏاهر بن راجا چچ
2- حاڪم سنڌ دودو بن خفيف سومرو سوم
3- نواب دولهه دريا خان
4- مخدوم شاهه بلاول سمون عليه الرحمة
5- شاهه شهيد شاهه عنايت الله عليه الرحمة
6- نتيجو

# پيش لفظ

جڏهن سادين ستن سالن جي قيد ۽ نظربنديءَ بعد مون کي پاڪستان سرڪار ٻاهر گهمڻ ڦرڻ جي اجازت ڏني ته گهڻي غور ۽ فڪر بعد ملڪي سياست کان مون هيٺين سببن ڪري ڪناره ڪشي ڪري طريقت (ڪلچر) جي راهه ۾ خدمت ڪرڻ جو ارادو ڪرو.

(**1**) ملڪي حالات سياسي طرح اهڙي ڪڙيءَ تي بيٺل هئا جو انهن جي قائم رهندي سياست ذريعي ملڪ ۽ قوم جو ڀلو ڪري سگهڻ کان مجبور هئاسون.

(**2**) گذشته چاليهن سالن جي سياسي زندگيءَ ۾ تجربي بعد معلوم ٿيو هو ته:

(الف) عوام ۾ قومي شعور پيدا ٿي نه سگهيو هو.

خواص ۾ خود مطلبي، قوم فروشي، نفاق، بزدلي ۽ فرض ناشناسي جون عادتون گهر ڪري ويل هيون.

سنڌ جي سياسي خودارادي ۽ اقتصادي ترقيءَ جي راهه رڪاوٽون پئجي ويون هيون، جي ظاهري طرح نه آئيني طور ڇاڪاڻ ته اسان اقليت ۾ هئاسون ۽ نه غير آئيني طور دور ڪري سگهياسون ٿي جو نه اتحاد، نه قومي شعور ۽ نه همت هئيسون. ان ڪري سياسي خلفشارن کان ڪناره ڪش ٿي عوام ۾ اصلاح نفس، قومي شعور، اخلاقي درستي، حب الوطني، ايثار ۽ پراپڪاري جي پيدا ڪرڻ لاءِ بزم صوفيائي سنڌ جو بنياد وجهي ڪانفرنسون ڪوٺائي مذڪوره بالا مقصدن لاءِ پرچار ڪرڻ شروع ڪيوسون.

ان جي پروگرام ۾ هڪ جزو اهو به هو ته سنڌ جي گذريل قومي سورمن جي زندگيءَ جي قربانين جو احوال لکي نوجوانن کي سندن شاندار ماضيءَ جي ڪارنامن کان واقفيت لاءِ پيش ڪيو وڃي. ان ڪم جي سرانجاميءَ جو ڪم مختلف اصحاب تي رکيل هو، پر بزم صوفيائي سنڌ جي تعليم کي ملڪي امن لاءِ خطرناڪ سمجهي حڪومت طرفان مون تي جولاءِ ***1967***ع کان دوباره نظربنديءَ جو حڪم جاري ڪيو ويو، ان ڪري هڪ جاءِ تي ويهڻ سبب مون کي وقت ملي ويو ته ٻين ڪتابن سان گڏ هي ننڍڙو پمفليٽ سنڌ جي آزادي، آزاد خيالي، عزت ۽ ناموس لاءِ قربان ٿيندڙ پنجن شهيدن جي حياتيءَ تي لکي ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪريان.

"گر قبول افتد گهي عز و شرف."

غلام مرتضيٰ
***1967. 09. 22***

**1**

# راجا ڏاهر بن راجا چچ
# (برهمڻ گهراڻو سنڌ)

سورهيه مرين سوپ ڪي، ته دل جا وهم وسار،
هڻُ پالا، وڙهه پاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
مٿان تيغ ترار، مارِ متارو ٿئين.

................

سر زمين سنڌ دنيا جي قديم مهذب ۽ متمدن ملڪن مان هڪ آهي، ان دنيا جي عام دستور موجب گهڻا لاها چاڙها ڏٺا آهن، ان جي قديم عظمت جا نشان، آمري، ڪوٽ ڏيجي ۽ موهن جي دڙن جي يادگارن ۾ اڃا تائين موجود آهن.

ان تي ڪجهه وقت ملڪي حاڪمن جي حڪومت پئي رهي آهي ته ڪو وقت ڌارين جي قبضي هيٺ اچي ان ڪي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا آهن. ان جي تاريخ جي پوري طرح کوجنا نه ٿي سگهي آهي پر نزديڪ سنڌي تسلط جو دور راءِ سهاسي ۽ چچ گهڙاڻي حڪومت جو هو.

چچ گهراڻي کي برهمڻ حڪومت به سڏين ٿا. ان گهراڻي جو آخري حاڪم راجا ڏاهر چَچ جو ننڍو فرزند هو. راجا چچ **52**ھ مطابق **672**ع تي وفات ڪئي. ان بعد راجا چندر سنڌ جو والي ٿيو. جنهن اٺ سال حڪومت هلائي **60**ھ مطابق **680**ع تي وفات ڪئي. ان کان پوءِ راجا ڏاهر سنڌ جي حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو. جنهن نهايت دانشمندي، همت ۽ خوش اسلوبيءَ سان **32** سال حڪومت ڪئي. جنهن

ڪان عرب بنو اميه سامراج جي سپهه سالار حجاج بن يوسف ثقفيءَ جي نياڻي محمد بن قاسم حڪومت وٺي سنڌ تي ڌاريون تسلط قائم ڪيو.

راجا ڏاهر حڪومت جي واڳ وٺندي هڪ سال اندر چوطرف حڪومت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ قدم کنيا. سندس گاديءَ جو شهر الور هو، اتان هن پهرين اپرندي سنڌ ڏي برهمڻ آباد ۾ اچي سندس ڀاءُ ڏاهرسين کي مڪاني حڪومت سپرد ڪري پوءِ مڪران طرف روانو ٿيو، جتي مڪاني حاڪم سان لڳاپا قائم ڪري موٽي الور آيو. اهڙيءَ طرح هن سندس پيءُ راجا چچ جي ڏينهن واري ساري سلطنت تي ملتان سوڌو تسلط قائم ڪري ورتو. سندس دور حڪومت ۾ سنڌ اندر مضبوط حڪومت قائم ٿي ۽ امن امان رهيو.

ان وقت عرب ۾ بني اُميه گهراڻي جي حڪومت هئي، جن جي هڪ حاڪم يزيد بن معاويه رسول مقبول صلعم جي ڏهٽي حضرت امام حسين عليه السلام کي شهيد ڪرائي اُن جو لاش گهوڙن کان چٿرائي سندس سر مبارڪ نيزي تي چاڙهي مهينن تائين ملڪن ۾ گهمارايو هو. امام حسين عليه جي فرزند ۽ خاندان جي عورتن کي قيد ڪرائي دمشق گهرايو هو. انهيءَ گهراڻي عبدالله بن زبير کي حرم ڪعبه ۾ قتل ڪرايو هو، ازانسواءِ ڪيئي ظلم ڪيا هئا.

راجا ڏاهر جي ڏينهن ۾ انهيءَ گهراڻي جو حاڪم عبدالملڪ بن مروان عرب جو بادشاهه هو. ان جو سپهه سالار حجاج بن يوسف ثقفي وڏو ظالم، قاتل ۽ بي رحم هو جنهن اهل بيت رسول تي اڪيچار ظلم ڪيا هئا ۽ بي شمار مسلمانن جو سندس هٿان خون وهيو هو. اانهن ڳالهين کان تاريخ دان بخوبي واقف آهن.

امام حسين عليه السلام جي شهادت کان پوءِ جي مڪاني ردعمل پيدا ٿيا ته ڪين سختيءَ سان دٻائڻ بعد جڏهن بنو اُميه گهراڻي جو تسلط ساري عرب تي ويهي ويو ته هنن سندن سامراج کي وڌائڻ لاءِ چوطرف حملا ڪرائڻ شروع ڪيا.

عربستان جو گهڻو حصو ريگستاني آهي، اتي جا رهاڪو سواءِ ٻن مڪيه شهرن مڪي ۽ مديني جي بدويانه زندگي گذاريندا هئا. ان ۾ رهندڙ قبيلا اڪثري پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا. ان ڪري جنگجويانه ذهنيت سندن سرشت ۾ سمايل هئي. اتي جا رهاڪو گهڻو ڪري قديم قبيلائي مذهبن جا پوئلڳ هئا جن جي خدائن جا بت ڪعبي ۾ رکيل هئا. پر ڪي منجهان ڪرستان ۽ يهودي هئا. ضروريات زندگيءَ لاءِ هو شام ۽ عراق سان قافلن ذريعي واپار ڪندا هئا.

رسول مقبول صلعم جي پيدا ٿيڻ کان اڳ به هنن مان روم ۽ ايران جي شهنشاهن طرفان جنگي لشڪر لاءِ ڀرتي ٿيندي هئي. هتي جي رهاڪن جو زيادہ تر گذران مال چارڻ تي هوندو هو. سندن زندگي اڪثر ڪري تنگ گذرندي هئي. رسول مقبول جي پيدا ٿيڻ تي هنن کي نئين مذهب جي ناليءَ ۾ متحد ڪري هڪ مرڪزي حڪومت هيٺ منظم ڪيو ويو. جنهنڪري هنن جي طاقت ۽ حوصلو وڌي ويو.

حضرت رسول ڪريم صلعم جن جي رسالت جا ٻه مقصد هئا:

هڪ ماڻهن جي ذهني تربيت، نفسياتي اصلاح ۽ اخلاقي درستيءَ جو هو.
ٻيو امن امان رکڻ، ملڪي نظام ۽ ماڻهن جي گذراني مسئلن جي حل ڪرڻ جو هو.

پيغمبرِ خدا جي موجودگيءَ ۾ ٻئي ڪم خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ٿيندا رهيا. انهن جي انتقال کان پوءِ سندن پوئلڳ ٻن راين ۾ ورهائجي ويا.
هڪڙن جو رايو هو ته مٿين ذڪر ڪيل پهرين مقصد کي جو مذهب جو بنيادي متو هو ترجيح ڏني وڃي.
ٻين جي راءِ هئي ته عرب جا ماڻهو اڃا سندن بدويانه عادتون، قبيلائي اختلاف، پراڻا اعتقاد ۽ رسم ۽ رواج پوري طرح بدلائي نئين مذهب جي عقيدن ۽ دستورن سان مانوس نه ٿي سگهيا هئا. تاريخ ۾ پهريون دفعو انهن ۾ اتحاد ۽ مرڪزيت قائم ٿي هئي. جنهن جي قائم ڪرڻ ۾ طاقت جي استعمال جو گهڻو دخل هو. ان ڪري سڀ کان زيادہ توجهه ٻي مقصد جي سرانجامي طرف ڏيڻ گهرجي. پهرين جو واسطو مستقبل جي ڳالهين سان ۽ ٻئي جو حال سان هو. مستقبل جو مدار حال تي رهي ٿو. ان ڪري ٻئي گروهه کي ڪاميابي حاصل ٿي.
عرب جا ماڻهو غريب هئا، انهن جي يڪمشت رکڻ ۽ قبائلي اختلافن کان سندن توجهه هٽائي ٻئي طرف ڪرڻ لاءِ ٻي راءِ جي ڪارڪنن ضروري ڄاتو ته پر وارن آباد ۽ سرسبز مُلڪن کي قبضي ۾ آڻي انهن جي سرمايه سان هتي جي رهاڪن جي گذران جو انتظام ڪجي.

نئين مذهب انهن ۾ اتحاد ۽ جذبہ جنگ اُڀي پيدا ڪيو هو. ازانسواءِ ٻين سرسبز مُلڪن جي ملڪيت ۽ پيدائش گذران لاءِ هٿ ڪرڻ جي خيال منجهن ٻاهرين ملڪن فتح ڪرڻ جي خواهش پيدا ڪئي. حضرت عمر رضہ جي ڏينهن ۾ پر وارا سُڪيا ملڪ شام، عراق، مصر ۽ ايران فتح ٿي چڪا هئا.

انهن فتحن عرب جي تنگدست ماڻهن کي سُکيو هڪ طرف بڻايو تہ ٻئي طرف هنن جي جنگي قوت، قومي وقار ۽ عزت جو ڏاڪو وهاري چڙهيو. پهرين ٻن خليفن جي ڏينهن ۾ ڪي اخلاقي معيار ۽ رسولِ مقبول صلعم جي روايات قائم رکڻ جي ڪوشش ٿي، ليڪن ملڪ ۾ ناراضگي ايتري وڌي جو ان مان هڪ خليفو قتل ٿي ويو.

پئسا، ملڪيت ۽ گذر جي فراواني جيڪڏهن زندگيءَ کي سهل بڻائڻ ۾ مدد ڪن ٿيون تہ انهن جي ڪري ڪي خرابيون بہ پيدا ٿين ٿيون. نتيجو اهو نڪتو تہ حضرت علي عليہ السلام جي شهادت کان پوءِ قبيلائي اختلافن ۽ اقتدار جي حصول عربن ۾ خانہ جنگي پيدا ڪري ڇڏي. نيٺ بني اُميہ خاندان ٻين سيني گروهن کي زور سان دٻائي سموري طاقت جو مالڪ بڻجي ويو. شيخ سعدي عليہ الرحمۃ چيو آهي تہ:

هفت اقليم از بگيرد بادشاه، هم چنان دربند اقليم دگر
نيم نان گر خورد مرد خدا، بزدل درويشان کنديم دگر

[ معنيٰ: بادشاهن جي ستن مُلڪن فتحن ڪرڻ بعد بہ طمع جهَڪي نٿي ٿئي ۽ وڌيڪ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. ليڪن درويش هڪ مانيءَ مان اڌ کائي اڌ ٻئي لاءِ بچائي رکي ٿو.]

عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ خانہ جنگي گهٽ ٿي. اندروني انتظام درست ٿيڻ بعد هن بني اُميہ سامراج کي وڌائڻ لاءِ رٿون رٿيون. نالو اسلام جو هو، مقصد مُلڪ فتح ڪرڻ، ڦرلٽ ڪري ملڪيت هٿ ڪرڻ جو هو. ڪن مسلم تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ رسول مقبول کان پوءِ خلافت ۽ اسلامي حڪومت ئي ڪانہ ٿي آهي، پر ڪن جو چوڻ آهي تہ خلفاءِ راشدين جي ڏينهن ۾ٿورو گهڻو رسول مقبول جي روايتن کي خيال ۾ رکيو ويندو هو. ان کان پوءِ حڪومتون اسلامي نہ رهيون بلڪ

ناليءِ ۾ سلطان بادشاهن جي هٿن ۾ پيءِ رهيون جن سندن شخصي، قبيلائي ۽ گروهي مفادن لاءِ پيءِ حڪومتن کي هلايو.

عبدالملڪ جي دور ۾ ان پوئين گروهه جي مفاد خاطر حڪومت هلي رهي هئي. تاريخدانن کي پتو آهي ته سندس سپهه سالار حجاج بن يوسف جي ظلم ۽ قتل عام ڪيا تن کان مسلمان ته هڪ طرف ليڪن شيطان به هوند شرمائجي وڃي.

ان لاءِ هڪ مثال ڪافي ٿيندو ته هڪ دفعي جمعي نماز تي ڪوفي جي جامع مسجد ۾ هزارها ماڻهو نماز پڙهڻ لاءِ آيل هئا جن ۾ حافظ قرآن، درويش، اهل بيت سڀ حاضر هئا. اتي خطبو ڏيندي حجاج بن يوسف ظاهر ڪيو ته اڄ آئون فصل پڪل ڏسي لُڻڻ چاهيان ٿو. ان کان پوءِ مسجد ۾ قتل عام جو حڪم ڏنائين. جن ۾ هزارها مسلمان قتل ٿي ويا.

سندس انتقال وقت هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهن کي خراب حالت ۾ جيل ۾ ڏنو ويو.

وڌيڪ ستم ظريفي اها هئي ته بنا سبب ٻين مُلڪن تي حملا ڪري ڦرلٽ مان مال هٿ ڪرڻ، آزاد ماڻهن کي غلام ۽ ٻانهيون بڻائي انهن جي وڪري ڪرڻ کي اسلام جو ڪارنامو ظاهر ڪيو ويو.

انهيءَ بادشاهه جي ڏينهن ۾ عربن جون جدا جدا فوجون ٽن طرف ملڪن جي فتح ڪرڻ لاءِ موڪليون ويون. هڪ فوج جا موسيٰ اشعري جي هٿ هيٺ مغرب طرف موڪلي ويئي جنهن اسپين تائين فتحون ڪيون. اُتر طرف قتيبه بن مسلم جي هٿ هيٺ فوجون موڪليون ويون جن سمرقند ۽ بخارا تائين فتح ڪئي. اوڀر طرف حجاج بن يوسف پنهنجي نياڻي محمد بن قاسم جي هٿ هيٺ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ فوج موڪلي. ان کان اڳ به سنڌ تي فتح ڪرڻ لاءِ چوڏهن ناڪام حملا ڪيا ويا هئا.

جڏهن محمد بن قاسم جي فوج سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ آئي ته راجا ڏاهر جي فوج نهايت جوانمرديءَ سان سان سنڌ جي حفاظت، ناموس ۽ عزت لاءِ لڙي پر جنگ ۾ راجا ڏاهر قتل ٿي ويو ۽ مُلڪ تي عربن جو قبضو ٿي ويو. ان ۾ عربن کي ڪروڙها روپين جي ملڪيت هٿ آئي ۽ ڪئين هزار سنڌي مَردن ۽ عورتن کي غلام بڻائي عرب ۾ وڃي وڪرو ڪيائون.

هاڻي سوال اٿندو ته عربن جي اُن فتح کي جائز ۽ اسلامي فتح شمار ڪجي يا عرب بادشاهن جي سامراجي جذبي هيٺ غاصبانه ۽ غير اسلامي مُلڪ گيريءَ جي حوس سمجهيو وڃي. اُن مسئلي کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان مسلمانن جي ٻن جدا راين کي پيش ڪريون.

هڪ گروهه جو چوڻ آهي ته اسلام ماڻهن وچ ۾ مذهبن، نسلن، قومن ۽ رنگن جي نالي ۾ ڪڙي ڪيل ديوارن کي ڊاهي انسانذات ۾ اتحاد، امن، فلاح ۽ بهبودي پکيڙڻ لاءِ آيو هو. اهو دين فطرت هو جنهجو ابتدائ آفرينش کان سڀني پيغمبرن پيغام ڏنو هو. اهو نئون دين ڪونه هو بلڪ ان مطابق سڀني مختلف مذهبن جي ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت سمايل هئي. اهڙي تعليم جو فروغ صحيح سمجهاڻي، اخلاقي درستي ۽ نفسياتي اصلاح ذريعي تاليف قلوب، رواداري ۽ باهمي گفتگو وسيلي ٿيڻ وارو هو. تشدد، نفرت، نفاق، خود مطلبي اُن جي راهه ۾ رڪاوٽون هيون. دين جي معاملي ۾ زور زبردستي ناجائز هئي. پيغمبر خدا رحمةالعالمين ٿي آيل هو. هو غلامن کي آزاد ڪرائڻ، ڦرلٽ بند ڪرائي، انصاف جو دور قائم ڪرڻ دنيا ۾ اَمن لاءِ آيل هو ۽ نه اُنهن ڪمن جي مروج ڪرڻ لاءِ جي پوءِ ڪِن ماڻهن اسلام جي نالي ۾ ڌارين مُلڪن کي غلام بڻائڻ، ڦرلٽ ڪرڻ، آزاد ماڻهن کي غلام بڻائڻ لاءِ ڪيا هئا.

ٻي گروهه جو چوڻ هو ته اسلام هڪ نئون مڪمل عالمگير دين ٿي آيل هو، اُن جي اچڻ بعد ٻيا سڀ دين رد ٿي ويا هئا. هن نئين دين جا مکيه مَتا توحيد، نماز، حج، زڪوات، روزه هئا. انهن مَتن ۽ اُن دين جي شريعت (دستورالعمل) کي زوريءَ دنيا ۾ ماڻهن مٿان مُسلط ڪرڻو هو جنهن عمل کي جهاد جي نالي سان سڏيائون ٿي. اُن ۾ ٻين ملڪن تي چڙهائي ڪري خونريزي ڪرڻ، اُن تي قبضو ڪرڻ، ڦرلٽ ڪرڻ، مَردن ۽ عورتن کي غلام ڪري ٻڪرين وانگر وڪڻڻ وغيره ڪمن کي جائز ڄاڻتو ٿي.

انهن ٻن گروهن مان پوئين جي عقيدن ۽ ڪارگذارين کي ڏسي غير مسلم عالمن ۽ تاريخ دانن اسلام کي ڌاڙن، لُٽيرن، عيش پرستن جو مذهب ظاهر ڪيو ٿي. هنن جو چوڻ هو ته ماڻهو اُن ۾ تلوار جي آڌار تي زور زبردستيءَ سان داخل ٿيا هئا نه ته اُن ۾ ڪهڙي سٺي ڳالهه هئي جو اهڙي مذهب ۾ شامل ٿين ها. اُن قسم جي غلط فهمين کي دور ڪرڻ لاءِ مسلم عالمن ۽ درويشن ظاهر ڪيو ته صحيح اسلام اُهو آهي جو پهرين گروهه ٿي ظاهر ڪيو. پوئين دور ۾ سر سيد احمد خان ۽ خواجه ڪمال

الدين جا ڏنل جواب پڙهڻ جي لائق آهن. سنڌن چوڻ هو ته اسلام جو فروغ تلوار ۽ تشدد جي ذريعي ڪونه ٿيو هو پر تاليف قلوب ۽ بهترين اصولن ڪري اُهو ماڻهن قبول ڪيو هو. مسلمان حاڪمن طرفان جي مُلڪ گيري، ڦرلٽ ۽ ٻيا ظلم ٿيا هئا اُنهن جو اسلام سان ڪوبه تعلق ڪونه هو. مُلا جي اسلامي تشريح صحيح نه هئي.

اجا تائين مسلمان ساڳي طرح ٻن راين ۾ ورهايل آهن، جن مان هڪ ڪي مُلا جو گروهه ۽ ٻئي ڪي درويشن جو گروهه سڏجي ٿو. اسان جو واسطو درويشن جي گروهه سان آهي تنهنڪري محمد بن قاسم جي ڪارنامن ڪي اسلام سان واسطو رکندڙ تسليم نٿا ڪريون نه اُن ڪي غازي نه اسلام جو علمبردار سڏڻ لاءِ تيار آهيون بلڪ اُن ڪي غاصب، سنڌين جي آزادي، عصمت، مال، ملڪيت جو دشمن ۽ لُٽيرو سمجهون ٿا. هن ڪي اُن گروهه جو فرد سمجهون ٿا جنهن نه صرف سنڌ جي مَردن ۽ عورتن ڪي غلام ڪري وڪيو ۽ ملڪيت ڦري مُلڪ تي زوريءَ قبضو ڪيو پر اهلبيت رسول جو دشمن، عياش، اسلام جي بنيادي اصولن جي خلاف ۽ مسمانن جو قتل عام ڪرائيندڙ هو.

اسان رسول مقبول صلعم ڪي رحمةالعالمين سمجهون ٿا، انهن جا ٻه قول اسان جي ڪَنن ۾ اجا تائين گونجي رهيا آهن، هڪ ته "حُب الوطن مِن الايمان" وطن جي محبت ايمان جو جزو آهي. ٻيو ته "سنڌ جي طرف کان کين ٿڌي هِير ٿي لڳي."

ڇا ان تعليم جي هوندي اسان سنڌ جي محبت ڪي جائز نهرائيندي اُن تي ڌارين جي تسلط ۽ ٿيل ظلمن ڪي جائز قرار ڏيئي سگهون ٿا!

اسان اُن راءِ جا آهيون ته هر ماڻهوءَ لاءِ وطن جي حُب لازمي آهي، جيڪو وطن دوست نه آهي سو بي ايمان آهي، ايمان ڪان سواءِ صحيح مسلمان ٿي نه ٿي سگهبو.

سنڌ پنجن هزارن ورهين ڪان تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز رهي آهي، رسول مقبول جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ هڪ به مسلمان ڪونه هو بلڪ سڀ ماڻهو هندو ۽ ٻُڌ هئا. پوءِ به سندن اظهار ته اُن مان ڪين ٿڌي هِير ٿي آئي ڪا ته معنيٰ رکندڙ آهي!

اهڙي حالت هيٺ اسان ڪهڙي طرح اُن مُلڪ جي ماڻهن تي زوريءَ قبضو ڪري انهن جي آزادي سلب ڪرڻ، اتي جي مَردن ۽ عورتن ڪي غلام بڻائڻ،

ڪروڙها روپين جي ملڪيت ڪي لُٽي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪم ڪي صحيح اسلام مطابق جائز سمجهي سگهون ٿا!

جيڪڏهن ڪي ماڻهو سنڌس اهڙن ڪمن ڪي عين اسلام سمجهن ته مرضيءَ جا مالڪ آهن، هر ڪنهن ڪي سندن راءِ جو حق آهي، آخر ڪي اهڙا ماڻهو به هئا ۽ اڃا تائين آهن جي امام حسين ڪي ناحق تي ۽ يزيد ڪي حق تي سمجهن ٿا. اهي ماڻهو يزيد ۽ انهيءَ گهراڻي جي هر ڪاروائي عين اسلام سمجهن ٿا. ان گروهه ۾ نه صرف اُن زماني جا عالم ۽ حافظ قرآن شامل هئا پر اڄ ڪلهه به ڪيئي ماڻهو ملي سگهن ٿا.

ڪين اهڙيءَ راءِ رکڻ جو هر ڪو حق آهي ليڪن اسان ڪي به پنهنجي راءِ رکڻ جو اهڙوئي حق هئڻ گهرجي جهڙو هنن ڪي ڏيڻ گهرون ٿا. اسان محمد بن قاسم جي حملي ڪي صحيح اسلامي تشريح جي خلاف ۽ غاصبانه سمجهون ٿا. سنڌ ۾ اڃا تائين هزارها ماڻهو آهن جي پاڻ ڪي ڏاهري سڏائڻ ۾ عيب نٿا سمجهن، سنڌ جو جيد عالم ۽ بزرگ مولانا ابوالحسن به ڏاهري سڏائڻ ۾ عيب نه سمجهندو هو. اسان ڪي اعتراض نه آهي سنڌ ۾ محمد بن قاسم گروهه جا طرفدار پلي پاڻ ڪي يزيدي سڏائين. ماڻهو نطفه مان پيدا ٿئي ٿو جو رت مان جُڙي ٿو، رت ڪاڌي مان ٺهي ٿو. ڪاڌو اناج، ڀاڄين ۽ گوشت مان ٺهي ٿو. اُهي سڀ سِڌيءَ يا اڻ سِڌيءَ طرح مُلڪي زمين ۽ پاڻيءَ جي پيدائش آهن.

مثال طور ڪٽي ڏسندا ته هڪ اَن جي داڻي زمين ۾ پوکڻ بعد سَوها داڻا پيدا ٿين ٿا. جي مِٽي ۽ پاڻيءَ مان ٺهن ٿا. تنهنڪري هر شيءِ مُلڪ جي مِٽي ۽ پاڻيءَ مان پيدا ٿئي ٿي. هر ماڻهوءَ جو حقيقي ماءُ پيءُ آهن، قرآن شريف به شاهدي ڏئي ٿو ته ”ولقد خلقناالانسان مِن سلالة من طين.“

معنيٰ- تحقيق اسان ماڻهن ڪي مٽيءَ جي جوهر مان پيدا ڪيو آهي.

انهيءَ نقطه نگاهه ڪان جو ماڻهو وطن سان وفادار نه آهي سو حلالي ٻار نه آهي. انهيءَ ڪي مدنظر رکندي آءٌ راجا ڏاهر ڪي سنڌ جي آزادي، عزت ۽ ناموس لاءِ لَڙي سر ڏيندڙ شهيد اول سڏڻ ڪان نٿو چرڪان پوءِ پلي ڪن يزيدي گروهه جي طرفدارن ڪي مِرچون لڳن.

اهڙن ماڻهن جي دشمنيءَ ڪان امام حسين عليه السلام نبيءَ صلعم جو ڏهٽو به نه ڇُٽي سگهيو آهي، آءٌ ته اُن جي در جي خاڪ مثل آهيان.

ڪي ماڻهو راجا ڏاهر تي بُهتان رکي سندن غازين جي برن ڪارنامن لاءِ جواز پيدا ڪن ٿا. اچو ته چند بهتانن جي جانچ ڪريون. انهن مان مکيه هيٺيان آهن.

***1***- هن پيڻ سان شادي ڪئي هئي.
***2***- هن عربن جي ڪن ماڻهن کي قيد ڪيو ۽ ڦريو لُٽيو.
***3***- هن ٻڌ ڌرم ۽ غير برهمڻن سان ظلم ڪيا هئا.
***4***- هي عياش ۽ ظالم هو.

اچو ته ان مان هر هڪ بهتان بابت تفتيش ڪري بحث ڪريون.

اهو هر هڪ گروهه جو پيشو رهيو آهي ته مفتوح ڌر کي بدنام ڪري سندن ناجائز ۽ بُري فعل لاءِ جواز پيدا ڪن، تاريخ ۾ ڪيئي اهڙا مثال موجود آهن. تاريخ تي اڪثر قبضو فاتحن جي نمڪ خوارن جو رهيو آهي.

***1***. يونانين کي رومن بدنام ڪيو.
***2***. اڳين مذهب وارن کي عيسائين ۽ برهمڻن بدنام ڪيو.
***3***. چنگيز خان، تيمور لنگ، محمود غزنوي، اورنگزيب جهڙن ظالم حاڪمن کي سندن مداحن تاريخ ۾ ساراهي وڏا لقب ڏنا.
***4***. انگريزن هندوستانين جي غلط تاريخ لکي انهن کي بدنام ڪيو ۽ پاڻ کي جاهلن ۽ پٺتي پيلن جي سڌاري جو مشنري ٺهرايو. تنهنڪري اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي جيڪڏهن چئجي ته عرب تاريخ نويسن راجا ڏاهر کي بدنام ڪرڻ لاءِ اُهي سڀ بهتان مڙهي محمد بن قاسم جي سياهه ڪارنامن کي ڍَڪڻ لاءِ جواز پيدا ڪيو هجي.

***1***-هندو برهمڻ پيڻ ته ڇڏيو پر سوٽِ سان شادي ڪرڻ به ناجائز ٿا ڄاڻن. تنهنڪري پيڻ سان شاديءَ جو بهتان سراسر غلط معلوم ٿئي ٿو. ان لاءِ دليل اهو ڏنو وڃي ٿو ته هڪ نندي راجا کي سَڱ نه ڏئي پاڻ وٽ پيڻ وهاري ڇڏيائين. اُها ڳالهه هر ڪنهن کي معلوم آهي ته هندن ۾ ذات پات جا فرق هئا. ان ڪري جيڪڏهن هن ڪنهن ڪم ذات يا گهٽ درجي جي ماڻهوءَ کي

سَگهه کان انڪار ڪيو هجي ته ان لاءِ ائين چئجي ته هن پيڻ سان شادي ڪرڻ خاطر اِئين ڪيو هو. سراسر بد ديانتي آهي.

**2**-ٻي ڳالهه جا هن جي برخلاف هلائي وجي ٿي سا اِها آهي ته سيلون جي راجا کان عرب جي بادشاهه ڏي ڪي سوکڙيون ۽ تحفا هن ڦُرائي، ماڻهن کي قيد ڪرايو هو. ان ڪري عيوضي وٺڻ لاءِ هيءُ حملو ڪيو ويو. ان ڳالهه لاءِ ڪوبه ثبوت نه آهي ته راجا ڏاهر اهو ڪم ڪرايو هو، انهن ڏينهن ۾ ساموندي ڌاڙا زني عام هوندي هئي. ڪن دريائي ڌاڙيلن اِئين ڪيو هجي ته ان ۾ شڪ نه ٿي سگهي ٿو. راجا ڏاهر جهڙي وڏي حاڪم کي اهڙي ڌاڙا زني مان ڪهڙو فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو. اهو حملي لاءِ بهانو ٻڻائڻ سراسر ڏوکو ۽ بهتان آهي. تاريخ جي جاڻ کي پتو آهي ته عربن طرفان سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ اڳي چوڏهن حملا ڪيا ويا هئا، انهن لاءِ ڪين ڪهڙو جواز هو. ڇا سمرقند، بخارا، موراڪو، اسپين طرفن جا حملا عيوضي وٺڻ لاءِ هئا؟ تاريخ جي صحيح حقيقتن کي لڪائي نٿو سگهجي. اُها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته عرب حڪمرانن طرفان ٻين سامراجي طاقتن وانگر مُلڪ فتح ڪرڻ جي حوس ڪري اُهي حملا ٿيا. جنهن ۾ ٻين سامراجي طاقتن وانگر هنن به ڪُڌا ڪم ڪيا. جيڪڏهن رومن، منگولن، انگريزن، فرينچن جي سامراج کي اسان غلط ۽ ظالمانه تسلط سڏيون ته ڪهڙي طرح ساڳيو ڪم عربن جي هٿان سرزد ٿيندي اُن کي جائز ڄاڻون، نه صرف ايترو پر اُن کي اسلام جو ڪارنامو شمار ڪريون. ڇا ان مان اسلام جي عزت وڌي ٿي يا بدنامي ٿئي ٿي؟

**3**-ٽين ڳالهه هن جي خلاف اها چئي وڃي ٿي ته هن ٻُڌ ڌرم ۽ ٻين غير هِندن تي ظلم ڪيا هئا، اُن ڳالهه جو ڪوبه ثبوت ڪونه ٿو ملي. اها تاريخي حقيقت آهي، راجا چَچ جو پاءُ راجا چندرسين جڏهن تخت تي وينو ته هن ٻُڌ ڌرم کي زور وٺائڻ طرف رُخ رکيو. هن ٻُڌ جي ڀڪشن ۽ پوڄارين سان خاص رعايتون ڪيون هيون، هر هڪ کي معلوم آهي ته برهمڻن جو مذهبي تعصب مُلن جي تعصب کان به ڪي رتيون ڪثر آهي. سندن انهيءَ پاليسيءَ ڪري ٻُڌ ڌرم مرگهو هندوستان مان نڪري ويو. پر اُهو سنڌ جو ملڪ ئي هو جتي هِن راجا جي ڏينهن ۾ ٻُڌ ڌرم پوري زور تي هو. جن جي موجودگي بنسبت ٻين هندو حاڪمن جي راجا ڏاهر جي رواداريءَ جو ثبوت ڏي ٿو، سندس دور حڪومت ۾

به گورنر ٻُڌ ڏرم جا هئا. نه رڳو ايترو پر هڪ مسلمان عرب محمد علافي نالي ساري قبيلي سان بني اُمين جي ظلم کان لڏي سنڌ ۾ اچي راجا ڏاهر جي پناهه هيٺ رهيو. اُن سان راجا ڏاهر اهڙو سُلوڪ ڪيو جو سندس سِڪي جي ٻي طرف هن جو نالو اڪيرڻ جي اجازت ڏني. اهڙي ارادي جو سُلوڪ تاريخ ۾ ڇڏو نظر ايندو.

اهڙي منصف مزاج راجا تي متعصب هئڻ جو بهتان اهڙن ماڻهن طرفان لڳائڻ جن جي تاريخ جو ڪيترو حصو تعصب ۽ ڪٽرپڻي سان ڀريو پيو هجي. بدديانتيءَ کان سواءِ ڪجهه نه آهي.

***4***-چوٿون بهتان راجا ڏاهر تي اهو لڳايو ٿو وڃي ته هو عياش ۽ ظالم حاڪم هو. خبر نه آهي انهن لفظن مان بهتان لڳائيندڙ ماڻهن جو مقصد ڪهڙو آهي. ڇا راجا ڏاهر جي ٻن نياڻين، جي بادشاهه لاءِ تحفو ڪري موڪليون ويون هيون، سان زنا ڪرڻ جي جرم ۾ سزا ڪائيندڙ ماڻهو راجا جي زال چوڪرين جي ماءُ سان زوريءَ شادي ڪندڙ، سنڌين جي عورتن کي ٻانهيون بڻائي بنا نڪاح جي انهن سان صحبت ڪرڻ جائز ڄاڻندڙ هزارها سنڌي عورتن ۽ مَردن کي وڪرو ڪندڙ زياده گناهه گار آهي يا وطن جي حفاظت لاءِ سر ڏيئي سرهو ٿيندڙ ڏوهاري آهي.

راجا ڏاهر ***92*** هجري مطابق ***712***ع تي سنڌ خاطر لڙي شهيد ٿيو. هر سچي سنڌيءَ کي اُن جي ڪارنامن تي فخر هئڻ گهرجي. اُن لاءِ آءٌ کيس سنڌ لاءِ سر ڏيندڙ سورهين جي قطار ۾ ڀريون هيرو شمار ڪريان ٿو.

ان کان پوءِ سنڌ ***340*** ورهيه غيرن جي غلاميءَ هيٺ رهي، جيستائين وڃي سنڌ جي هڪ سومري گهراڻي ***1051***ع ۾ وري سنڌ ۾ خالص سنڌي حڪومت قائم ڪئي.

ڀڳو آءٌ نه چوان، ماريوسين وسهان،
ڪانڌ مُنهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سونهان،
نه پرڻ لڄ مران، جي هونس پُٺ ۾.
(شاهه)

## 2

# دودو بن خفيف سومرو سوم

چار تراريون چيلهه سين، پڌئين پر پاڳون،
اڳين جون اڳون، ڪانڌ قلعي ۾ موڪيون.
(شاهه)

...........................

سنڌ تي راجا ڏاهر کان پوءِ جڏهين ڏارين جو قبضو ٿيو ته اهو دور **340** ورهيه هليو. ان کان پوءِ سنڌ جي اصل رهاڪو سومري خاندان وري **1051**ع سنڌ تي سندن تسلط قائم ڪيو، جن جي حڪومت اٽڪل ٽي سئو کن ورهيه هلي.

سومري قبيلي لاءِ ٻه روايتون مشهور آهن، هڪ محض جذباتي آهي جنهن موجب هن کي علوي خاندان جي عربي نسل مان شمار ڪيو وڃي ٿو.

هتي ڪجهه وقت کان عام دستور ٿي ويو هو ته سيڪو ماڻهو پاڻ کي زور مس ڪري وڃي عربن مان شمار ڪري، ان لاءِ ٻه ڪارڻ جوابدار هئا. هڪ ته عرب گهڻو وقت حاڪم رهيا هئا، ٻيو ته هاڻ ماڻهن جي اڪثريت مسلمان ٿي ويئي هئي. ان ڪري مذهبي جذبي هيٺ عرب سڏائڻ کي هو فخر سمجهندا هئا، هنن کي ڪهڙي خبر ته عربن جا وڏا بدوي ۽ بت پرست هئا. سندن وڏا آريه نسل مان راجپوت ۽ مهذب هئا، پر مذهبي جنون سڀ ڪم ڪرايا ٿي. اسلام نسلن جا فرق مِٽائڻ آيو هو نه ڪِن کي پلو ۽ ڪِن کي ڏِلو بڻائڻ آيو هو.

رسول مقبول جو چوڻ هو ته جنهن ڪي سندس عملن پوئتي ڌڪيو آهي ان ڪي سندس نسل اڳتي ڪري نٿو سگهي.

ان ڪري مڪاني ماڻهن مان سومرن، سمن، بلوچن ۽ پٺاڻن سيني تاريخ جي صحيح حقيقتن خلاف پاڻ ڪي عرب نسل مان سڏائڻ شروع ڪيو، اهو ڏوهه نه صرف رواجي ماڻهن ڪان سرزد ٿيو، پر سيد، پير، عالم ۽ مکيه قبيلا به انهيءَ جرم جا مرتڪب ٿيا.

ٻي روايت آهي ته سومرا آريا نسل جي راجپوت شاخ مان هئا. سندن قديم نالا، رسم رواج پوئين نظريه جي حمايت ڪن ٿا.

هنن جو دور حڪومت سنڌ لاءِ امن امان، تهذيب ۽ تمدن جو سبب بڻيو. سندن تخت گاهه محمد طور نزديڪ شاهه ڪپور جا تعلقه ميرپور بٺوري ۾ ميلن تائين نشان عظمت جو زنده ثبوت ڏين ٿا.بدقسمتيءَ سان سنڌ جي انهيءَ سونهري دور جي پوري طرح تاريخ نه لکجي سگهي آهي. مختلف تاريخن جا چند ٽڪرا گڏي ڪجهه احوال معلوم ڪري سگهجي ٿو. ليڪن هن ڳالهه جي ازحد ضرورت آهي ته ڪي محب وطن ان سموري مسئلي تي تفتيش (کوجنا) ڪري ان دور جي مڪمل تاريخ لکن. ان لاءِ وڳهيه ڪوٽ، محمد طور ۽ ٻين سومرن جي دور وارن قِتل شهرن جي کوٽائي، مختلف تاريخن جي مطالع، ڏند ڪٿائن، رسم رواج، رومانوي افسانن ۽ سماجي دستورن مان گهڻي معلومات هٿ ڪري سگهجي ٿي.

اها حقيقت آهي ته سسئي پنهون، مومل راڻي، ليلان چنيسر ۽ عمر مارئيءَ جا قصا انهيءَ دور جا واقعا آهن. جن تي شاعرن خاص طرح شاهه عبداللطيف عليه رحمت سندس شعر ۾ انهن وسريل ڪهاڻين ڪي زنده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو عام دستور هوندو آهي ته شاعر اڪثري سندن ملڪ جي بهترين دور جي روايات زنده رکڻ لاءِ چند مثالن ڪي وٺي طبع آزمائي ڪندا آهن.

هن قبيلي جي حب الوطني، همت غيرت ۽ قومي ڪردار جون روايتون زبان زد عام آهن. انهيءَ مان دودي ٿئين جي جوان مرديءَ، همت ۽ وطن دوستيءَ هن قبيلي جو نالو روز روشن وانگر زنده جاويد بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن بابت چچ نامي جي لکڻ موجب هن حاڪم ***1331***ع ڪان ***1356***ع تائين حڪومت ڪئي.

ان جي دور حڪومت ۾ خانداني اختلافن ڪري ٻاهرين حاڪمن کي دست اندازي ڪري حملہ آور ٿيڻ جو موقعو مليو.

ان اختلاف جي ڪارڻ بابت ڏند ڪٿائن مان عام طرح هيٺين ڳالهہ مشهور آهي.

چون ٿا تہ دودي جي والد خفيف جي وفات بعد سندس ٻہ فرزند گاديءَ لاءِ دعويدار هئا. جن ۾ وڏو چنيسر ۽ ننڍو دودو هو. چنيسر ڌارين عورت مان هو ۽ دودو ڏاڏي پوٽيءَ مان هو، ان ڪري سومرن سردارن گڏ ٿي وڏي پُٽ جو حق ريٽي دودي کي گاديءَ تي وهاريو.

ان فيصلي تان چنيسر ناراض ٿي دهليءَ جي حاڪم وٽ ويو. عام مشهور اهو آهي تہ ان وقت دهليءَ تي علاوءِ الدين خلجيءَ جي حڪومت هئي. ان هن جي دانهن ٻڌي سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي خيال کان سندس سپهہ سالار، سالار خان جي هٿ هيٺ هڪ وڏو ڪٽڪ سنڌ تي چاڙهي موڪليو.

سنڌ جي حڪومت جي بنسبت دهليءَ جي حاڪمن جي معمولي حيثيت هئي. انهن جي وڏي لشڪر سان چڙهائي ڪافي خوف پيدا ڪندڙ هئي. دهليءَ جي سپهہ سالار ويجهو اچڻ بعد سنڌ جي حاڪم دودي کي ٻہ شرط وڌا، جن جي مڃڻ تي هن جي جان آزاد ٿي سگهي ٿي.

**پهريون شرط:-** اهو هو تہ دهليءَ جي حاڪم جو حڪم مڃي وڏي ڀاءُ کي گاديءَ تي وهاريو وڃي.

**ٻيو شرط:-** اهو هو تہ سندس ڀيڻ ٻاگهيءَ جو بادشاهہ لاءِ سَڱ ڏنو وڃي.

ان تي هن جملہ سومرن سردارن کي گڏ ڪري احوال پيش ڪيو. جن صلاح مشوري بعد گڏ ٿي اهو فيصلو ڪيو تہ اُهي شرط مڃڻ سنڌ جي آزادي، ناموس ۽ قبيلي جي روايتن جي خلاف هئا. جڏهين انهن اهو فيصلو ڪيو تہ ڪين نتيجن جو پورو پتو هو. هو صرف لاڙ سنڌ جي ٽڪري جا حاڪم هئا، جن وٽ ڪو مقرر ٿيل لشڪر ڪونہ هو. گهٽي ۾ گهٽو چار- پنج هزار ماڻهو لڙائيءَ لاءِ گڏ ڪري سگهيا ٿي، جن کي هٿيار مهيا ڪري ڏيڻ بہ ڏکيو ڪم هون. هوڏانهن دهليءَ جي حڪومت جي ويهہ هزار لشڪر گهوڙن، سٺن هٿيارن ۽ تربيت يافتہ سپاهين سان مقابلو ڪرڻو هو. اها غير مساوي طاقتن جي لڙائي هئي، کٽڻ جو ڪوبہ امڪان ڪونہ هو، ان ڪري

هنن پنهنجا ٻار ٻچا زالون ڪڇ ۾ اَبل ابڙي سمي ڏي ڏياري موڪليون، پاڻ مڙس ٿي مقابلي لاءِ تيار ٿيا. هاڻ سوال اٿندو ته هنن حالتن مان واقف هوندي به چاڻي واڻي چو موت منهن ڏيڻ قبوليو. ان جي جواب ڪي صرف اُهي ماڻهو سمجهي سگهندا جي قومن جي قومي ڪردار (Character) مان واقفيت رکندا هوندا. ان وقت سنڌي ڪردار ۾ ڪي خاص خصوصيتون پيدا ٿي ويل هيون، جهڙوڪ: ***1***- حب الوطني ***2***- قومي روايات جو لحاظ ***3***- غيرت ***4***- آزاديءَ جي هوا ***5***- انصاف.

انهيءَ جا مثال انهيءَ زماني جي آکاڻين مان ملي سگهن ٿا، جن ڪي شاهه لطيف عليہ الرحمة ۽ ٻين شاعرن اسان تائين پهچائي ڇڏيو آهي، امر سومري، امر ڪوٽ جي حاڪم مارو قبيلي جي عورت مارئي زوريءَ آڻي ڪوٽ ۾ بند ڪري هن ڪي راضي ڪرڻ لاءِ گهڻا حيلا هلايا پر هن نه وطن وساريو نه مارن جي پريت ڇڏي. امر سومري ڪيس راضي ڪرڻ لاءِ طرح طرح جا طعام آڇيا، ريشم ۽ زريءَ جا وڳا ڏيڻا ڪيا، محلن ۽ ماڙين ۾ رهايو. پر هن جو روح نه ريجهيو، چي، "حيف تنين ڪي هوءِ، وطن جن وساريو": "مارو ڪيئن وهان مان وساري، عمر مرم مارن جو ٿو ماري": "اي نه مارن ريت، جو سيڻ مَٽائن سون تي". هن وٽ ماڙين ۾ محلن ڪان پراڻا پکڙا وڌيڪ هئا. ست رچين طعامن ڪان ڏٿ ۽ ڏونرا زيادہ پيارا ٿي لڳا. سسئيءَ جي پنهونءَ لاءِ جبل جهاڳڻ، مومل جو راڻي لاءِ راتيون وهائي ڏينهن ڪرڻ، ليلان جو چنيسر ڪي ليلائي رضامند ڪرڻ جا قصا اُن زماني جي سنڌي ڪردار جي ساک ڀرين ٿا. امر سومري جو انصاف به مشهور آهي ته باوجود مارئي ڪيتري وقت تائين وٽس نظربند هئي پر هي سندس رضامنديءَ ڪان سواءِ ان جي ويجهو نه ويو، نيٺ موٽائي ملڪ موڪليائينس.

جنهن قوم جي مَردن ۽ عورتن جو اهڙو ڪردار هجي انهن ڪي خوف ۽ لالچ سندن ستيا ۽ سير ڪان مٽائي نٿا سگهن. سومرن جي اها حالت هئي جي سَنگ ڏيئي جان ٿي آزاد ڪرايائون ته سَتن پيڙهين ڪي ٿي لڄايائون. جي ڌارين حاڪمن جي حُڪم تي پنهنجي پسنديدہ حاڪم ڪي گاديءَ تان لاٿائون ٿي ته سندن غيرت ۽ همت جي اها ڳالهه خلاف هئي، ان ڪري هنن وطن جي عزت، آزادي، روايات جي برقرار رکڻ خاطر سر ڏيئي سرهو ٿيڻ ڪي ترجيح ڏني ۽ گيديءَ جي حياتيءَ ڪان عزت واري موت ڪي پسند ڪيو.

امام حسين عليہ السلام جي ساڳئي حالت هئي، سندس طرف **70** ماڻهو زالن ٻارن سميت هئا ۽ يزيد طرف هزارها لشڪر هو.

پر "سر داد نہ داد دست بر دست يزيد"
معنيٰ - سر ڏيڻ وڌيڪ پسند ڪيائين بنسبت ناحق اڳيان بيعت ڪرڻ جي.

هنن بہ سُنت حسينيءَ تي هلندي فنا ٿي وڃڻ کي وڌيڪ پسند ڪيو. اهڙيءَ طرح هنن سنڌين جي روايتن، غيرت ۽ حُب الوطنيءَ جي زنده رکڻ لاءِ پاڻ کي قربان ڪرڻ پسند ڪيو. جيئن اسلامي تعليم کي زنده ڪرڻ لاءِ امام حسين عليہ السلام سر ڏنو تيئن سنڌي روايتن جي لڄ رکڻ لاءِ دودي سومري جي گروهہ پاڻ موکيو. سومرن مان اڪثر مَرد ميدان تي مارجي ويا. سندن رهيل عورتن لاءِ چوڻ آهي تہ دشمن جي هٿ هيٺ اچڻ کان راجپوتي دستور مطابق پاڻ جلائي ڇڏيائون. ڪن جو چوڻ آهي تہ زمين ڦاٽي پيئي ان ۾ گهڙي ويون. ان جاءِ کي اجا تائين ستين جو آستان سڏيو وڃي ٿو.

هوڏانهن ابڙي وٽ پهتل عورتن بہ جڏهين ڏٺو دهليءَ جو لشڪر ڪڇ ڏي ڪاهيندو ٿي آيو تہ انهن پاڻ مارائي ڇڏيو.

ان حڪايت بابت تاريخدانن جا مختلف رايا آهن، ڪن جو چوڻ آهي تہ علاوالدين ۽ دودو سومرو ساڳي زماني ۾ نہ هئا وغيره. جيئن تہ هن گهراڻي جي دور حڪومت جي مستند تاريخ لکي نہ ويئي آهي، ان ڪري تاريخي نقطہ نگاهہ کان ان بابت پوري حقيقت معلوم ڪرڻ ذرا مشڪل نظر پيو اچي. ليڪن هيءَ ڳالهہ پايہ ثبوت تي پهتل آهي تہ ٻاهرين دهليءَ جي لشڪر سان لڙندي دودي سومري خاندان ۽ قبيلي سميت قرباني ڏني. سندس تخت گاهہ اجاڙ ٿي ويو. سندس اُن قربانيءَ سنڌ وارن جي دلين تي اهڙو اثر وهاريو جو اڄ تائين ڳوٺن ۾ ڀان ۽ ڀٽ ان واقعي جي ڪٿائي ڳائيندا رهن ٿا. شاهہ صاحب چيو آهي تہ:-

پنهون ڪارڻ پٻ ۾، مر مٿو ڏيئي،
تہ سرتيون سپيئي، وڪاڻئين ويٺيون.

ان وانگر هنن مقصدن خاطر سر ڏيئي پاڻ کي زنده جاويد بنائي ڇڏيو. سنڌ جي شعر ۾ اها پهرين رجزيہ ۽ مرثيہ واري شعر جي ڪٿائي آهي.

قومن جي اڪثريت هميشه بزدل، بي غيرت، ابن الوقت ماڻهن جي ٿئي ٿي. ليڪن ان ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو به پيدا ٿين ٿا جي ڏسي وائسي صرف مقصدن ۽ روايتن خاطر قربان ٿيو وڃن، شاهه سائين اهڙيءَ حالت لاءِ چوي ٿو:-

ته ڪر ڪيئن مئي، جي سير نه گهڙي سهڻي،
هتي حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهين تان نه هڻي،
هوئين هوند مئي، پر پڏيءَ جا پيڻا ٿيا.
(شاهه)

همٿن با همت، با غيرت، ملڪ جي عزت ۽ ناموس، آزادي ۽ قومي روايتن جي حفاظت لاءِ لڙي پاڻ قربان ڪندڙن تي سنڌين کي واقعي فخر ڪرڻ ۽ انهن جي يادگار ملهائڻ جو حق آهي.

پر چوٽي آهي ته صحيح راءِ ۽ حق تي هلڻ ته جدا ڳالهه آهي پر انهن ماڻهن جي سچائپ ۽ قدرداني به ٿورن ماڻهن کي ٿئي ٿي. دنيا جي چاليهه ڪروڙ مسلمانن مان پنج سيڪڙو به امام حسين عليه السلام جو يادگار مس ملهائيندا آهن.

هن وقت جڏهين اسان تاريخ جي نهايت مشڪل دور مان لنگهي رهيا آهيون. اسان جي سياسي آزادي ختم ڪئي ويئي آهي، اقتصادي حالت تي اثرانداز ٿيڻ کان رهي نه سگهي آهي. اسان جي ڪلچر ۽ زبان تي وار ٿي رهيا آهن. ان وقت اهڙي قسم جي سپوت ۽ سورهين جا قصا ۽ ڪهاڻيون عوام تائين پهچائڻ ۽ سندن ياد تازي ڪرڻ ، قومي غيرت، همت ۽ جذبه آزاديءَ کي زنده ڪرڻ جي برابر آهي.

دودو سومرو ۽ اُن جو قبيلو راجا ڏاهر کان پوءِ پيو سنڌي شهيد آهي، جنهن جي ڪارنامن تي سنڌين کي ناز ڪرڻ جو پورو حق آهي.

هن واقعي کان پوءِ به سومرن جي حڪومت ڪجهه وقت لاءِ رهي. پر ايترين قربانين سندن طاقت ڪمزور ڪري ڇڏي هئي. جنهنڪري ٿوري وقت کان پوءِ انهيءَ قبيلي جي همير نالي حاڪم کي سَمن قتل ڪري حڪومت تي قبضو ڪيو. سما به سنڌ جا رهاڪو ۽ راجپوت نسل مان هئا.

*****

## 3

# نواب (دولها) دريا خان عرف نواب مبارڪ خان

سومرن جي حڪومت ڪمزور ٿيڻ بعد انهن جي آخري حاڪم همير کي سَمن قتل ڪري ان جي جاءِ تي سندن سردار اُنڙ پٽ ٻنڀي کي ڄام جو لقب ڏيئي سنڌ جي گهڻي ڀاڱي تي حاڪم مقرر ڪيو. جيئن ته سنڌ جي ٻنهي بهترين گهراڻن جي مستند تاريخ اڃا تائين لکي ڪانه ويئي آهي، ان ڪري انهيءَ جي حڪومت جو تفصيلي احوال معلوم نه ٿي سگهيو آهي. پر چچ نامي ۽ تاريخ تحفته الڪرام وغيره جي مختلف روايتن جي بنا تي ***1360***ع کان پوءِ ان گهراڻي جي شروعات شمار ڪري سگهجي ٿي. جا ***1520***ع تائين هلي اٽڪل ***160*** ورهيه کن حڪومت ڪيائون. ان عرصي ۾ سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ انهيءَ قبيلي جي سردارن جو تسلط هو جي ننڍين رياستن وانگر اندروني طور آزاد هئا ليڪن سڀئي سلامي وڏي حاڪم ڄام جي پريندا هئا.

اهو دور به سنڌ لاءِ امن امان، ترقي ۽ تمدن جو باعث رهيو آهي. انهن جي دور حڪومت ۾ ڪيئي وڏا گوٺ ٻَڌا، علم پکڙيو، هنر زور ورتو، قومي روايتون ۽ دستور به قائم رهيا. سنڌ جي غيرت، روايات، حب الوطني ۽ آزاديءَ جي حفاظت لاءِ سومرن پاڻ ملهايو ته سَمن وري تهذيب ۽ تمدن کي زور وٺائڻ جي ڪوشش ڪئي.

هِن قبيلي ۾ به ڪيترا ئي نامور حاڪم پيدا ٿيا جن مان ڄام تماچيءَ جو نالو خاص مشهور آهي. جنهن جي ڪينجهر جي مهاڻيءَ نُوريءَ سان رومانس جي قصي کي شاهه لطيف نهايت عمده پيرايه ۾ بيان ڪري انهيءَ دور جي عمده تصوير ڪڍي آهي.

چوڻ ۾ اچي ٿو ته انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ امن امان، آباديءَ ۽ هنر جي زور وٺڻ ڪري آسودگي اچي ويئي هئي. مدرسه به ڪليل هئا. هي حاڪم عالمن، شاعرن ۽ راڳ جي مجلسن ۽ شڪار لاءِ اڪثر ڪينجهر جي ڍَنڍ تي تفريح لاءِ ويندو

هو جتي پر لطف مجلسون ٿينديون هيون. عمديون ٻيڙيون انهن جا رنگارنگي سڙهہ ۽ ساز سامان مجلس جي رونق کي وڌائيندڙ هئا. ڪينجهر جو نظارو نهايت عمده هو. شاهہ صاحب اُن لاءِ فرمائي ٿو:-

هيٺ جر مٿي مجر، ڪنڌيءَ ڪونر ٽڙن،
ور ٿي واهوندن، ڪينجهر ڪستوري ٿئي.
(شاهہ)

اهڙيءَ طرح گهمندي هن جي نُوريءَ نالي عورت تي نظر پئجي ويئي. هوءَ هٿين پيرين آرڪيٽن هئي. هن جي من ۾ گيرب ۽ گاءُ نہ هو. تنهن جي نيٽن راءَ کي ريجهائي ڇڏيو. نيٺ سَمي سجاٽي ٻيڙو ٻانهن ۾ ٻڌي ڪٽي راٽين ۾ شمار ڪيس پوءِ تہ ڄام مُهاٽن تان مڙئي محصول معاف ڪري ڇڏيا ۽ اڪثري ڪينجهر جي ڪناري مجلسون ۽ محفلون ٿينديون رهنديون هيون. اتي ماڙي ٺهرايائين. سندن قبرون مڪلي ٽڪريءَ تي شيخ حماد جماليءَ جي مقبري جي هيٺان آهن.

ان کان پوءِ انهيءَ گهراڻي جو ٻيو مشهور حاڪم ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو بن ڄام ٻنيهِ ٿيو. هي **866**هہ مطابق **1462**ع تي تخت تي ويٺو. سندس ڏينهن ۾ حڪومت اتر طرف وڃي بهاولپور تائين پکڙي الهندي طرف سبيءَ تائين مطلب تہ ساري موجوده سنڌ سندس قبضي ۾ هئي. هي پاڻ وڏو عالم هو. عالمن، درويشن جي صحبت کي پسند ڪندو هو. نهايت اعليٰ منتظم، مصنف مزاج ۽ سخي هو. هن جي حڪومت **48** سال هلي. ان وچ ۾ نهايت امن امان قائم ٿيڻ ڪري ملڪ ترقي ڪئي. هن اڳيون ساموئي يا سما نگر ڇڏي ان جي ٽن ميلن جي مفاصلي تي موجوده ٺٽي جو شهر نئين سر ٻَڌايو. جنهن ٿوري وقت اندر مدرسن، واپار، ڪارخانن، عالمن وغيره ڪري نهايت زور ورتو. اهو سَمن جي اوج جو دور هو.

نواب دريا خان هن منصف مزاج، منتظم ۽ مردم شناس حاڪم جو وزير اعظم هو. ان بابت چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اصل ۾ هي ڄام صاحب جي وزير لکمير وٽ نوڪر هو. سندس اصل نسل جو پورو پتو نٿو پوي. سندس اوائلي نالو قبوليو هو. هڪ دفعي ڄام نندو شڪار تي نڪتو، ساڻس وزير لکمير بہ گڏ هو. رستي تي ڄام صاحب کي اڃ لڳي. ڄام صاحب جو نوڪر پري هو ان ڪري قبولي چوڪري کيس پاٽي

آٽي ڏنو. ڄام صاحب ڏنو ته ان ۾ ڪي ڪِڪ پيل هئا. ان بابت هن ڪان ڄام صاحب سبب ڳهريو. هن جواب ۾ ٻڌايس ته قبلا جن ڪي سخت اُڃ هئي يڪدم پاٽي پي سواري ڪرڻ ها ته طبيعت تي خراب اثر پوي ها. ان ڪري ڪَڪ وجهي ڏنم ته سائين جن پاٽي آهستگيءَ سان پين. سنڌس اهڙي عقل واري جواب ڪان ڄام صاحب متاثر ٿي ڪيس پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکيو. جتي آهستي ٿي ترقي ڪندو تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ بعد لياقت ۽ ايمانداريءَ ڪري پهرين وزير ۽ پوءِ وزير اعظم جي درجي تي پهچي نواب خان اعظم ۽ فرزند خاص جا لقب جا حاصل ڪيا ڪيس فوجن جي سپهه سالاري به ملي. هاڻ نواب دريا خان عرف نواب مبارڪ خان جي نالي سان سڏجڻ لڳو. هي انهيءَ عرصي ۾ سنڌ جي مڪاني بد امنين دور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان ڪري ساري صوبي جي حڪومت گهٽي وقت تائين نهايت امن امان ۽ خوش اسلوبيءَ سان هلڻ لڳي.

انهن ڏينهن ۾ بابر بادشاهه سمرقند ڪان نڪري اچي قابل ۾ ديرو ڄمايو هو. شاهه بيگ ارغون ان جي خوف ڪان ٻئي ملڪ وسائڻ جي خيال ڪان سنڌ تي سندس ڀاءُ ميرزا سلطان محمد جي هٿ هيٺ لشڪر چاڙهي موڪليو، جن آگرهه، چانڊڪاءِ منديجا ۽ ماڇين جو ڪوٽ اچي ڦريا ۽ لٽيا. ان خبر پوڻ تي ڄام نندي وڏو لشڪر نواب دريا خان جي هٿ هيٺ ان جي مدافعت ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. جنهن هلوڪر ڳوٺ وٽ پهرين جنگ ۾ ارغونن جي لشڪر کي شڪست ڏني. جنهن ۾ شاهه بيگ جو ڀاءُ سلطان محمد مارجي ويو. باقي سندس بچيل لشڪر قنڌار ڏانهن ڀڄي ويو. اها معمولي ڪاميابي ڪانه هئي. افغانستان ڪان ايندڙ سپاهين جو هندوستان ۽ سنڌ تي ڌاڪو ويٺل هو. انهن کي اهڙي شڪست فاش ڏيڻ ڪري وري ڄام نندي جي حياتيءَ ۾ ارغونن سنڌ ڏي رُخ نه رکيو. اهو نواب دريا خان جي بهادري ۽ قابليت جو کُليل ثبوت هو.

انهن ڏينهن ۾ هڪ ٻيو واقعو سرزد ٿيو. جنوٽيڪ ظاهر ۾ خاص اهميت رکندڙ نه هو پر اُن مان نواب دريا خان جي سياسي دانشمندي ۽ معامله فهميءَ جو پتو پوي ٿو.

سيد محمد ميران شاهه **847**هه ۾ جونپور جي شهر ۾ پيدا ٿيو، جو علم پڙهي وڏي لياقت جي درجي تي پهتو هو. پوءِ روزاءِ زهد، تقويٰ ۽ وظائف جي ذريعي صاحب ڪمال ٿيو. سندس معتقدن جو چوڻ آهي ته هڪ دفعي حسب معمول پنهنجي

ورد وظائف ۾ مشغول هو ته ڪيس اهو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ته "تون مهدي آهين" آخر اهو آواز مسلسل ٻڌڻ بعد هن ڪي سندس مهديپڻي جو يقين ويهي ويو. مسلمانن جي هڪ گروهه ۾ گهڻي وقت کان اهو عقيدو رهندو پئي آيو آهي ته آخر زمان ۾ امام مهدي پيدا ٿيڻ وارو آهي جو ساري دنيا جي مسلمانن کي متحد ڪري دنيا تي غلبه اسلام لاءِ بيعت وٺي جهاد ڪري ساري دنيا کي زوريءَ يا خوشيءَ سان اسلام جي دائري ۾ آڻيندو. انهيءَ طرح سان اسلام جي پيدا ٿيڻ جي مشن ته اسلام، انسانذات جي وچ ۾ اتحاد، امن ۽ ترقي آڻيندو مڪمل ٿيڻ واري آهي.

اهو عقيدو صرف مسلمانن ۾ ويٺل نه آهي پر قريباً هر عالمگير مذهب جي ڪن گروهن ۾ گهڻي وقت کان سندن نشاط ثانيه لاءِ ويٺل آهي ته منجهان ڪو ماڻهو پيدا ٿي انهيءَ مذهب کي ساري دنيا ۾ رائج ڪندو. هندن مان ڪن ۾ وشنو مهاراج جي نئين سر اوتار ٿي اچڻ بعد هندن جي دنيا تي تسلط ويهڻ جو اعتقاد ويٺل آهي.

اهڙي طرح حضرت عيسيٰ جي وري پيدا ٿي دنيا کي دين مسيحي تي آڻڻ جو عقيدو به ڪن عيسائين ۾ ويٺل هو. ان عقيدي کي مدنظر رکي دنيا جي مسلمانن ۾ ڪيئي ماڻهو اهڙي دعويٰ ڪندي پيدا ٿي ماڻهن ۾ وقتي اتحاد ۽ جوش جاڳائي وري ختم ٿي ويا. آءٌ ڪيترا دفعا پنهنجي تحريرن ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته مُلا جي مذهبي تشريح واري اسلام ۾ دنيا تي غلبه اسلام جو تخيل ڪن مسلمانن تي گهڻي وقت کان ويٺل آهي. ڪن خلافت کي ان جو مرڪز ٻڌائي انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ ڪوشش ڪئي، ڪن مجدد ٿي دين کي نئين سر زنده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪيترا مهدي سڏائي تبليغ ۽ جهاد ذريعي اسلام جي فروغ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳا، ڪن هاڻ اُن کي پين اسلام ازم جي تحريڪ سڏي ان ڏَس ۾ مسلمانن کي متحد ڪرڻ جو آواز اٿاريو آهي. مطلب ته اهو عقيدو مختلف شڪلين ۾ مسلمانن اڳيان پيش پئي ٿيو آهي. مصر ۾ مهدوي حاڪمن جي تحريڪ شيعن جي هڪ گروهه ۾ ٻارهين امام جي گم ٿي وري آخر زمان ۾ پيدا ٿيڻ جي اميد، شيخ سنوسي جي تحريڪ، مهدي سوڊاني جي تحريڪ سڀ انهيءَ تخيل جي پيداوار آهن جنهنجو پرچار سيد محمد ميران شاهه جونپوري ڪيو ٿي.

ڪيترا ويساهه وسوڙل ماڻهو اجا تائين انهيءَ اميد تي ويٺا هلن ليڪن اها به حقيقت آهي ته مسلمان درويشن، عالمن ۽ سياستدانن جو هڪ اهڙو گروهه به پئي رهيو آهي جنهن کي نه اسلام جي اهڙي تشريح ۾ اعتقاد رهيو آهي، نه انهيءَ قسم جي

تحريڪن ڪي ممڪن العمل ۽ صحيح سمجهيو اٿن. هن زماني ۾ علم ۽ سائنس جي واڌاري ڪري شايد اهڙا گهڻا ماڻهو نڪرن جي اهڙن فريب ڏه عقيدن ۾ ويساهه نه رکن. ليڪن سنڌ جهڙي پٺتي پيل ملڪ ۾ پنج سو ورهيه اڳ اهڙا ترقي پسند خيال نه اهو عقيدو غلط ۽ اڻ ٿيڻ جوڳو آهي. حڪومت جي هڪ مدبر نواب دريا خان طرفان ظاهر ٿيڻ غير معمولي ڳالهه هئي.

نائين صدي هجريءَ جي آخر ۽ ڏهين صدي وارو زمانو هندوستان اندر بدامني ۽ طوائف الملوڪيءَ جو هو. باشاهيون ٺهنديون ۽ ڊهنديون رهيون ٿي. اهڙي ڪا مرڪزي حڪومت باقي نه رهي هئي جو هندوستاني مسلمانن جو شيرازو درست ڪري غلبہ اسلام آڻي. حق تي هلندڙ عالمِ دين گهٽ ٿي ويا هئا. پيران طريقت جي بد عملن ڪري مسلمانن ۾ گمراهي پيدا ٿيڻ لڳي هئي. اهڙين حالتن هيٺ سيد صاحب جي نئين پيغام ۽ تحريڪ ماڻهن تي چڱو اثر پيدا ڪيو. ٿوري وقت اندر هزارها ماڻهو سندس حلقہ اثر هيٺ داخل ٿي ويا ۽ ڪيترن ملڪن جا مسلمان حاڪم به سندس مريديءَ جي دائري ۾ داخل ٿي ويا. انهيءَ تحريڪ جا مکيہ اصول هيٺيان هئا.

1. **حجرت ڪرڻ**:- سندن چوڻ هو ته جيستائين ماڻهو قيدِ وطن کان آزاد ٿي گهر ٻار جو آسانگو لاهي، لڳ لڳاپا ڇڏي مهدوي تحريڪ ۾ شريڪ نه ٿيو آهي ان وقت تائين منجهس ڪا وڏي اميد رکڻ اجائي هئي. ان راهه ۾ ترڪ وطن ضروري هو. موجوده زماني ۾ علامه اقبال جو وطن کي بُت سڏي، نظريہ جي بنياد تي بين الاقوامي لڳاپن جي جدا قوم بڻائڻ، ڪم و بيش ان ساڳي تخيل جي پيداوار آهي.
2. **ترڪ مال**:- سندن رايو هو ته غلبہ اسلام جي راهه ۾ ٻي جا رنڊڪ هئي سا شخصي مال ۽ ملڪيت جي محبت هئي. ان ڪري ان تحريڪ کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ هر پوئلڳ جو فرض ٿيو پوي ته هو ساري ملڪيت مهدوي تحريڪ جي حوالي ڪري غلبہ اسلام جي لاءِ ڪم آڻڻ ۾ مدد ڪري.

**3. جهاد:-** ٽيون شرط انهيءَ تحريڪ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اهو هو ته ان
جو پوئلڳ سڀ لڳاپا لاهي سر ترريءَ تي رکي خوف خطرا ڦٽا ڪري
تلوار هٿ ۾ ڪٽي مهديءَ جي حُڪم تي غلبہ اسلام لاءِ لڙي.

مذهب جي نالي ۾ ماڻهن ڪي استعمال غرضي (ايڪسپلائٽ) ڪرڻ جا تاريخ ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا. يورپ جون صليبي جنگيون ان جو مثال آهن، جتي نيٺ گهڻي غور فڪر ۽ تجربي بعد ماڻهو ان نتيجي تي پهتا ته ڪنهن هڪ مذهب ڪي آخري ۽ مڪمل سمجهي، دنيا تي زوريءَ مسلط ڪرڻ جو خيال فرسوده ۽ خود فريبيءَ ڪان مٿي نه هو. سڀني مذهبن پنيان بنيادي وحدت سمايل هئي. جنهن جو مقصد اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي ۽ فلاح بني آدم هئا. اهي مقصد محبت، تاليف القلوب، اهنسا ۽ باهمي سمجهوتہ، اخلاقن جي درستي ۽ نفسي اصلاح جي ذريعي حاصل ٿيڻا هئا، نه ڪجهه عقيدن ۽ دستورن جي مذهب ڪي جهاد ذريعي دنيا تي زوريءَ مسلط ڪرڻ سان.

جڏهين سيد ميران محمد شاهہ سنڌ ۾ آيو ته ڪيترا ويساهہ وسوڙل ۽ پراڻي خيال جا عالم ۽ ماڻهو ان تحريڪ جي طرف ڇڪجي ويا ۽ ان جي حلقہ اثر ۾ اچڻ لاءِ آماده ٿيا. سيد صاحب جڏهن ٺٽي ۾ جام نظام الدين عرف جام نندي وٽ آيو ۽ سندس تحريڪ جي مقصدن ڪان واقف ڪري ڪيس پنهنجي حلقہ اثر هيٺ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو ته ان وقت نواب دريا خان صحيح راءِ قائم ڪري جام صاحب ڪي هن جي حلقہ اثر ۾ اچڻ ڪان روڪي ميزبانيءَ جا فرضَ ادا ڪري جلد بنا مطلب حاصل ڪرڻ جي ڪيس اجازت ڏيئي روانو ڪري ڇڏيو. ان مان نواب دريا خان جي قوم پرست خيالن ۽ سياسي تدبر جي پختگي معلوم ٿئي ٿي.

جيتوڻيڪ جام صاحب جي درٻار سان تعلق رکندڙ قاضي قاضن ۽ ٻيا هن جا معتقد بڻجي ويا.

هتي هيءَ ڳالهہ ڪرڻ بہ ضروري آهي ته نواب دريا خان ڪي جام صاحب طرفان ڳاهن جي پر ۾ موجوده ٺٽي جي ويجهو جاگير مليل هئي، جتي سندس فرزند رهندا هئا، ۽ پاڻ بہ اڪثر اوڏانهن ويندڙ هو.

اتي جو مخدوم بلاول عليہ الرحمة سمہ خاندان مان هو باغبان ۾ رهندو هو. نواب صاحب ان جو عقيدتمند ۽ صحبتي هو. تنهنڪري مخدوم صاحب جا سڀ خليفا

۽ خاص ڪري سيد حيدر عليه الرحمة سَن وارو نواب صاحب جا دوست ۽ واقفڪار هئا. خوش قسمتيءَ سان مخدوم صاحب ۽ سندس حلقھ اثر جا درويش بہ نواب صاحب جا هم خيال هئا. اهو پتو پورڻ مشڪل آهي تہ اهڙا خيال نواب صاحب جي اثر ڪري مٿين درويشن تي پيا هئا يا انهن جي صحبت نواب صاحب کي انهيءَ خيال جو بڻايو هو.

سيد ميران محمد شاهہ ڄام صاحب کان رخصت ياب ٿي ٻيڙين جي قافلي ذريعي درياهہ رستي سنڌ ۾ سندس تحريڪ جي تبليغ ڪندو سڪر طرف افغانستان ڏي وڃڻ لاءِ روانو ٿيو.

مخدوم بلاول عليہ، سيد عبدالرزاق لڪياري ۽ نواب صاحب ان تحريڪ کي ملڪي سالميت ۽ قومپرستيءَ جي اصولن خلاف سمجهي مشورو ڪري سيد حيدر عليه سَن واري هٿان سيد ميران محمد شاهہ جي ٻيڙين جي قافلي کي ٻوڙائي ڇڏيو. جنهنڪري سيد صاحب سندس تحريڪ لاءِ حالتون ناسازگار ڏسي سنڌ ۾ وڌيڪ تبليغ بند ڪري سڌو خشڪيءَ رستي افغانستان هليو ويو. ان جو وڌيڪ احوال مخدوم صاحب جي زندگيءَ ۾ ڏنو ويندو.

سنڌ ۾ بدقسمتيءَ سان ڄام نظام الدين صاحب ***914***ھ مطابق ***1508***ع تي وفات ڪئي. سندس وفات مهل ڄام صاحب نواب صاحب کي پُٽ جي پارت ڪئي.

ان کان پوءِ ڄام فيروز ۽ ڄام صلاح الدين ڄام سنجر جي پوٽي جي وچ ۾ گاديءَ تان تڪرار ٿي پيو جنهن ۾ نواب دريا خان جي مدد سان ڄام فيروز ڪامياب ٿيو. جنهن تي ڄام صلاح الدين گجرات طرف سندس ناني سلطان مظفر وٽ رهڻ لڳو.

ڄام فيروز نوجوان هو، گهڻو وقت راڳ روپ ٻڌڻ، ڇوڪرين جي ناچ ڏسڻ، مسخرن جي صحبت ۽ ٻين اهڙي قسم جي عياشي ڪمن ۾ گذاريندو هو.

حڪومت جو ڪاروبار سمورو نواب دريا خان جي مٿان وجهي ڇڏيو. پيدائش جي زيادہ ٿيڻ ڪري شاهي خاندان جا فرد ۽ دربار سان لاڳاپي وارا ماڻهو فضول خرچ ۽ ڇڙواڳ ٿي ويا هئا. جن جي ڪارگذارين تي نواب صاحب کي سختي ڪرڻي پيئي. ان تي ڄام صاحب ۽ نواب صاحب جي وچ ۾ شڪر رنجي ٿي پيئي. تنهنڪري وزارت مان استعفا ڏيئي اچي سندس جاگير گاهن ۾ رهڻ لڳو. ان کان پوءِ ڄام فيروز جي رنگ رلين تي نظر ڪرڻ وارو ڪونہ بچيو. ڄام فيروز ان تي بس نہ ڪئي پر نواب صاحب جي طاقت ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪيبڪ ارغون ۽ ٻين ٻاهرين

ماڻهن کي نوڪريءَ ۾ رکيو. ڄام فيروز هڪ خاص محله انهن جي رهڻ لاءِ مقرر ڪيو جو مغل واڙو سڏجڻ ۾ ايندو هو.

انهن حالتن کي ڏسي انهن مغلن مان مير قاسم ڪيبڪ شاهه بيگ ارغون کي لکي موڪليو ته ڄام جي حڪومت ڪمزور ٿي ويئي آهي، ڄام صاحب سندس عياشين ۾ مشغول آهي. نواب دريا خان هن کان جدا ٿي ويو آهي، ميدان خالي اٿئي، موقعي مان فائدو وٺڻ گهرجي. ان تي شاهه بيگ ارغون وري سنڌ تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. پهرين سڪر، پوءِ سيوهڻ فتح ڪيا. آخر ۾ ٺٽي تي ڪاهي ويو. تڏهين ڄام صاحب جي اک کلي، هن نواب صاحب کي گهرائي ورتو. حالتون خراب ٿي چڪيون هيون. باوجود ان جي نواب صاحب آخر دم تائين سنڌ جي آزادي، ناموس ۽ عزت خاطر لڙندو رهيو ۽ شهيد ٿيو. لڙائي هلندي ڄام فيروز پڇي وڃي پير پٺي طرف لڪو جتان آخر شاهه بيگ کي رحم جي درخواست ڪري معافي وٺي صلح جا شرط قبولي ارغونن جي تابع ٿي هڪ محدود ٽڪري تي رهڻ لاءِ رضامند ٿيو.

نواب صاحب سنڌ جي آزاديءَ خاطر سر ڏيندڙ سورمن، مدبرن ۽ صحيح رايا رکندڙ محب وطن مان مکيه هو. ان کي تنهنڪري سنڌ لاءِ شهيد ٿيندڙن ۾ ٿيون نمبر شمار ڪريون ٿا.

ان جي مزار سندس مربي ڄام نظام الدين جي الهندي طرف مڪلي ٽڪريءَ تي آهي.

سنڌ جو مشهور مورخ سيد حسام الدين راشدي مڪلي نامه ۾ سندس لاءِ هيٺين خيالن جو اظهار ڪري ٿو: "نواب دريا خان ابتدا ۾ لاوارث ڇوڪرو هو. بادشاهه منجهس ڪارڪردگيءَ جا جوهر ڏسي پاڻ وٽ آٽي اعليٰ تربيت ۽ تعليم ڏيئي معمولي درجي جي ملازم جي درجي تان مٿي چاڙهي کيس وزير اعظم جي درجي تي آندو. سنڌ جي فوجن جي سپهه سالاري به سندس حوالي ڪئي. مبارڪ خان، خان اعظم جا خطاب ڏيئي سندس مرتبو بلند ڪري آخر کيس پنهنجي فرزندي جي لقب سان سرفراز ڪري عروج ۽ اقبال جي آخري منزل تي پهچايو."

مردم شناس سلطان جي منتخب ڪيل ماڻهو، سندس ڪارڪردگي سبب بادشاهه جي زندگيءَ ۾ نمڪ حلالي ۽ جفاڪشي ڪندي سموري سلطنت جو ڳاٽ اوچو رکيو. بلڪ سندس وفاتيءَ کان بعد به اهو اڪيلو امير هو جنهن سنڌ جي آزاديءَ

لاءِ مسلسل جدوجهد جاري رکي، پنهنجي جيئري مغلن کي ٺٽي ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو. اول ۾ دره بولا خان وٽ پهچي کين شرمناڪ شڪست ڏيئي پٺتي هٽايو. آخر ۾ ٺٽي جي چانئٺ وٽ لڙندي وڙهندي تير تلوارون هٽندي ۽ کائيندي پنهنجو سر صدقو ڪري ڇڏيو.

ان کان پوءِ "**خرابي سنڌ**" جو باب کُلي پيو. جنهن نه صرف ٺٽي پر ساري سنڌ لاءِ غيرن جي غلامي جو رستو هموار ۽ صاف ڪري ڇڏيو. اهو واقعو ***926***ھ مطابق ***1420***ع تي سرزد ٿيو."

ان کان پوءِ سنڌ ***1131***ھ مطابق ***1719***ع تائين غيرن جي غلاميءَ هيٺ رهي. جنهن کي ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ مٿي کڻڻ لاءِ فرصت ملي. پر سندس ڏينهن ۾ نادرشاهه جي ڪاهه وري سنڌي حڪومت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو.

حق ته اهو آهي ته ههڙي بهادر، سرويچ، مدبر شهيدِ سنڌ جون سال بسال ورسيون ملهائي يادگار قائم ڪريون پر جنهن صورت ۾ سنڌ وري غيرن جي غلاميءَ ۾ وڃي چڪي آهي ۽ هر غلامي قومي غيرت، حميت، جذبه آزادي، ڪمزور ڪري ڇڏي ٿي. تنهنڪري نوجوانن جي ايمان تازي ڪرڻ لاءِ سندس حياتيءَ جو احوال لکي وٽن پيش ڪريان ٿو.

بنا کردند خوش رسمي، بخون و خاک غلطيدن،

خدا رحمت کند اين، عاشقان پاک طينت را.

**معنيٰ**: خدا رحمت ڪري انهن پاڪ صفت عاشقن تي جن پنهنجا رت هاري سندن بهادري ۽ قربانيءَ جا مثال قائم ڪري ڇڏيا آهن.

وري پير حسام الدين شاهه مڪلي نامه ۾ لکي ٿو:-

"نواب دريا خان سنڌ کي هر لحاظ سان مضبوط ۽ محڪم ڪيو. ان جي فوجي، سياسي، خواه سماجي ۽ اقتصادي صورت کي اهڙيءَ ڪڙيءَ تي بيهاريو جو مورخن جو متفق چوڻ آهي ته اهڙو زمانو سنڌ نه پهرين ڏٺو نه پوءِ . انهيءَ ۾ تعميري، رفاهي

صلاحيتن سان گڏ منجهس آزادي ۽ وطن پرستيءَ جو جيڪو رنگ هو اهو سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيس هميشه زنده ۽ پاينده رکندو. سر جا سانگا لاهي وطن کي ڌارين جي قبضي کان آزاد رکڻ لاءِ هن جيڪا جدوجهد ڪئي اهو حقيقتاً وطنيت جي تاريخ ۾ مثالي آهي.

سندس سمورو خاندان انهيءَ رنگ ۾ رتل هو. سندس سپيئي پُٽ وطن دوست، آزادي پسند، جري جوان ۽ بهادر هئا. علاو الدين منجهان عالم نڪتو. محمود خان ۽ موٽڻ خان سپاهي مرد هئا. پچاڙيءَ سوڏو ارغونن سان خوب وڙهيا. سارنگ خان چوٿون نمبر فرزند هوس جو به پنهنجو مَٽ پاڻ هو.

(مڪلي نامه: پير حسام الدين راشدي)

********

# 4

# مخدوم شاهه بلاول بن جام حسن سمون
## عليہ رحمت باغبان

سوريءَ سڏ ڪيو، ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تن پيو، نالو نينهن گهڻن جي.
(شاهه)

...................

مخدوم صاحب جي زندگيءَ جو قلمبند ٿيل پورو احوال ملي نہ سگهيو آهي. ليڪن ڏند ڪٿائن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ هو ذات جو سمون ۽ ٺٽي جي شاهي خاندان سان واسطو رکندڙ هو. جنهن ڪري ڪيس اجا تائين "سمون سردار" جي لقب سان سڏيو ويندو آهي. سندس ڄم جي تاريخ ملي نٿي سگهي پر غالباً نائين صدي جي پوئين اڌ ۾ ڄائو هو. انهن ڏينهن ۾ تعليم جا مکيہ مرڪز ٺٽو، سيوهڻ، پاٽ، ٿلتي وغيره هئا. هن ابتدائي تعليم ٿلتيءَ جي ڳوٺ ۾ مخدوم عمر وٽ اچي حاصل ڪئي. شادي بہ اتي ڪيائين. پوءِ ٺوري پنڌ تي باغبان جي ڳوٺ ۾ اچي رهڻ لڳو جتي سندس مزار آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ هو مذهبي علم ۾ تفسير ۽ حديث ۾ خاص ماهر هو. جنهن ڪري پري پري پنڌ تان طالب العلم وٽس علم پرائڻ ايندا هئا. شروع کان وٺي سلسلہ طريقت ۾ دلچسپي وٺندو رهيو. سندس شجره طريقت هٿ نہ اچي سگهيو آهي. پر غالباً سهروردي طريقہ سان تعلق هوس. هي انهيءَ وقت جي مکيہ صاحب طريقت بزرگن مان هو. جنهنجو ثبوت مخدوم نوح عليہ رحمة جي پوٽي ميان غلام رسول صديقيءَ جي لکيل ڪتاب دليل الذاڪرين مان ملي ٿو. جنهن ۾ هو ڄاڻائي ٿو تہ سنڌ ۾ ان وقت ٽي مکيہ

طريقت جا ادارا هئا. **1**- قلندر لعل شهباز عليہ **2**- مخدوم بلاول عليہ **3**- مخدوم نوح عليہ. مخدوم بلاول عليہ رحمة جا ڪيئي مکيہ خليفا هئا جن جي ذريعي ملڪ جي مختلف ڪُنڊن ۾ سندس طريقہ تصوف جا درس ماڻهن کي ملندا رهيا. انهن مان مکيہ هيٺيان هئا.

**1**. مخدوم ساهڙ عليہ النجار، مقبره ويجهو انڙ پور. جنهن کان سيد رڪن الدين عليہ رحمة متياري فيضيافتہ ٿي متياري سيدن جي خاندان تي اثر انداز ٿيو.

**2**. سيد حيدر عليہ سنائي، مقبره سن ۾. جنهن جي خليفن چچرن جي ڳوٺ کان ڪماڻن تائين ۽ جبل ۾ سندس تعليم کي پکيڙيو.

**3**. مخدوم رڪن الدين عليہ عرف مخدوم متو، مزار مڪلي ٺٽو. ان جي وسيلي بلاولي تعليم ٺٽي تائين پهتي.

**4**. مخدوم حسن عليہ بلاولي، مقبره پاٽوٺ. جنهنجو اثر ڪيٽي بندر تائين پهتو.

**5**. مخدوم سعد عليہ عرف مخدوم ساند، مقبره ويجهو سڪرنڊ. جو ميان صاحب ڪنيارن جو جد امجد هو.

**6**. مخدوم هنگورو عليہ، مزار تعلقو مورو. جنهن ڪري بلاولي تعليم ان طرف پکڙي.

بدقسمتيءَ سان سندس ملفوظات يا مڪتوبات جور زماني ڪري غائب ٿي ويا آهن، تنهن ڪري سندس حياتيءَ جو بيان صرف ڏند ڪٿائن ۽ ڪن مخصوص ڪتابن تان هٿ ڪري پيش ڪجي ٿو.

هي صاحب انهن بزرگن مان هو جن شريعت اسلام جي پيروي صاحب طريقت لاءِ ضروري ٿي ڄاتي جنهن ڪري هن جي توجهہ زياده تر عوام جي اخلاقي درستي ۽ نفسياتي اصلاح طرف هو.

هن جي طريقہ تعليم جا مکيہ اصول هيٺيان هئا.

**1**. صاحب طريقت کي معتقدن ۽ مريدن جي نذر نياز کان پاسو ڪري ڏنڊو ڪري گذر معاش ڪرڻ گهرجي.

**2**. مذهب ۽ سياست کي علحده رکڻ ضروري هو.

**3. سندس گروهه قوم پرستيءَ جي بنياد تي سنڌ دوستيءَ جو حامي هو.**
مٿي ذڪر ڪيل اصولن جي تشريح هيٺين آهي.

## (1) صاحب طريقت کي گذر معاش لاءِ ڪو به پيشو اختيار ڪرڻ گهرجي.

ملڪ ۾ عام دستور هو ته مدرسه يا خانقاهون يا ته حڪومت جي مدد تي هلندا هئا يا شهرين ۽ معتقدن جي نذر نيازن جي آذار تي هلندڙ هئا. هي غور ۽ فڪر بعد اُن نتيجي تي پهتو هو ته بئي طريقا نُقص کان خالي نه هئا. حڪومت جي مدد کين حاڪمن جو محتاج تي بڻايو. مريدن جي نذر نياز پيرانِ طريقت جي ادارن کي مستقل مفاد بڻائي آخر ۾ انهن جي پوين لاءِ گذر معاش جو ذريعو بڻايو ٿي. تنهن ڪري اُهي ادارا طريقت ۽ روحانيت جي نالي ۾ معتقدن مٿان چٽي ٿِي ٿي پيا. تنهن ڪري هن پاڻ ڪورڪو ڏنڏو اختيار ڪري ان مان گذر معاش ڪرڻ شروع ڪيو ۽ خليفن کي به حڪم ڪيو ته گذر معاش لاءِ ڪو ڏنڌو اختيار ڪري ان تي گذارو ڪن، بلڪ وٽس اچن ته به سمر پاڻ سان کنيون اچن.

ان واسطي سادي زندگي اختيار ڪرڻ سندن لاءِ نهايت ضروري هو. ان لاءِ هن هيٺيان دستور مقرر ڪيا.

الف: نه پاڻ مريدن کان نذر نياز وٺندو هو نه خليفن کي وٺڻ جي اجازت هئي.

ب: پاڻ به ڪچي لانديءَ ۾ رهندو هو ۽ سيني خليفن کي به ڪکائن گهرن ۾ رهڻ جو حڪم هو ۽ پڪي جاءِ جنهن کي انهن ڏينهن ۾ ماڙي سڏيندا هئا ۾ رهڻ جي منع هئي.

ت: بلاولي طريقي جي خليفن لاءِ سادي کاڌيءَ جي ڪپڙي ۽ سادي خوراڪ لازمي نهرايل هئا. ريشم ۽ عمدي ڪپڙي يا طعام کائڻ جي اجازت نه هئي.

**ث: گهر ۾ جنديءَ جو پينگهو يا کٽ رکڻ جي اجازت نہ هوندي هئي، سادي کٽوليءَ تي سمهڻ جو حڪم هو.**

**ج: زالن کي بہ ڌُهريون، حَس، ٻاهيون، ڪڙيون، نُٿون ۽ ريشمي ڪپڙي پهرڻ جي منع هئي.**

**ح: انتقال بعد پنهنجي مٿان قبي اڏائڻ جي منع ڪئي هئي.**

اهي سڀ دستور ان ڪري لازم ٺهرايائين تہ انهن ڪري پيران طريقت کي پيسہ ڪمائڻ جي لالچ ڪري نذر نياز وٺي عياش زندگي گذارڻي پوي ٿي. جنهن ڪري ماڻهو ڪاهل ٿيو پوي ۽ معتقدن کي نفعي پهچائڻ عيوض انهن مان نفعہ حاصل ڪري ٿو.

## (2) مذهب ۽ سياست کي علحده رکڻو هو.

هن کي تاريخ اسلام تي پورو درڪ هو. جنهن ڪري کيس معلوم ٿيل هو تہ مذهب ۽ سياست جي گڏجڻ ڪري اڪثر عالمن وقت جي حاڪمن جو هٿيو بڻجي، اسلامي قانونن کي مروڙي سندن حاڪمن جي مرضيءَ موافق هلايو ٿي- رسول مقبول صلعم اختلاف راءِ کي رحمت سمجهي ان جي اجازت ڏني هئي. پر تاريخ مان کيس پَتو پيل هو تہ حاڪمن ۽ مُلن سندن مستقل مفاد جي خلاف راءِ کي نہ صرف مذهب جي نالي ۾ دٻايو هو پر ان ڪري ڪيترن عالمن ۽ درويشن کي قتل ڪرايو هو. شمس تبريز، منصور وغيره جا مثال سندس اکين اڳيان هئا. ان کان سواءِ ان وقت سندس چئني طرف مڙيئي مسلمان حڪومتون هيون، جن جون پاڻ ۾ سامراجي ۽ ٻين گروهي مفاد ڪري جنگيون ٿينديون هيون. جن جنگين کي هر گروهہ جي طرفدار عالمن جهاد جي فتويٰ ڏيئي جائز بلڪ لازمي ٺهرايو ٿي. جنهن ڪري هزارها بلڪ لکها مسلمان انهي حاڪم ۽ مُلا جي چوگان شطرنج ۾ ظلم جا شڪار بڻيا ٿي.

هن کي اهو بہ معلوم هو تہ شريعت اسلام يعني فقهي معاملن ۾ مسلمانن اندر سوها فرقا پيدا ٿي پيا هئا ۽ منجهن نفاق جو ڪارڻ بڻيا هئا. اڪثر حاڪمن ملڪي

رسم رواج، دستورن ۽ مصلحت وقت مطابق حڪومت جو ڪاروبار ٿي هلايو. هر ملڪ ۽ قوم جون مُلڪي حالتون ۽ وقتي تقاضائون الڳ هيون. ان ڪري مذهب ۽ سياست ڪي گڏڻ مان فائدي کان نقصان گهڻو ٿيو ٿي ۽ مذهب جي استعمال غرضي (ايڪسپلائيٽيشن) ٿِي ٿي.

جيئن ته سنڌ ۾ اجا تائين هندن جو چڱو خاصو تعداد هو. اهي مڪاني تعلقات ڪري سنڌي مسلمانن سان گڏجيو ٻاهرين حملہ آورن جي خلاف جي اڪثر مسلمان هئا، لڙندا هئا. جيڪڏهن مذهب ۽ سياست ڪي گڏبو ته ان ڪري ڪٽر مُلا ڪي غير مسلم ۽ مختلف خيال ۽ عقيده جي مسلمان فرقن سان سختي ڪرڻ جو وجهه ملي ويندو. ان ڪري ملڪي ۽ قومي شيرازو ڪمزور ٿيڻ جو امڪان هو. اهڙين حالتن هيٺ ٻاهرين ڪاهُن وقت سنڌين طرفان متحده محاذ ٺهڻ جو گهٽ امڪان هو.

سنڌ ڪي دهلي ۽ افغانستان طرف جي مسلمان حاڪمن کان جنگين ۽ ڦرلٽ جو هميشه خطرو رهندو هو. مذهب ۽ سياست ڪي گڏڻ سبب قوميت جو بنياد مذهب تي بيهڻ وارو هو. ان ڪري ڌارين حڪومتن جي طرفدار ايجنٽن ۽ مُلڪي مفاد خلاف غداري ڪرڻ جو هميشه امڪان هو. مسلمانن جي جداگانہ قوميت جو نظريو بين الاقوامي بنيادن تي برپا ڪيو ٿي ويو. ان جي اڪثر مُلڪي مفاد سان ٽڪرجڻ جو امڪان موجود هو. جهڙيءَ طرح اڄڪلهه ڪيترين حڪومتون ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪي بين الاقوامي نظرياتي گروهه ڄاڻي ملڪي مفاد خلاف سمجهي ملڪ ۾ ممنوع ڪن ٿيون.

## (3) هو قوم پرست خيالن جو حامي هو

مٿي ذڪر ڪيل نقطہ نگاهہ، صحيح اسلامي تعليم، حقائق دهر ۽ سنڌي مفاد جي خيال کان هو مسلمان جي جداگانہ قومي تصور ڪي غلط، فرسوده ۽ غير اسلامي سمجهڻ لڳو هو.

هن چوطرف ڏٺو ته ڪي حاڪم مغل هئا ته ڪي ترڪ هئا، ته ڪي ايراني هئا ته ڪي عرب. سيئي مسلمان هئا. هنن سندن گروهي مفاد خاطر جنگيون ڪري ملڪ فتح ڪري ڦرلٽ ڪئي ٿي. ليڪن اهڙن ڪارنامن ڪي اسلام جي نالي ۾

جهاد سڏي اسلام جي سهڻي نالي تي تڪو لڳايو ٿي. مُلن محمود غزنوي، تيمور لنگ ۽ علاؤ الدين جي جنگين، قتل عام ۽ ڦرلٽن کي جهاد سڏي انهن کي غازين ۽ صاحب قرآن جا لقب ڏنا هئا.

بني امين، بني عباسين ۽ ٻين مسلمان حاڪمن جا ڪارناما هن جي اکين اڳيان هئا. هو اهل نظر ۽ دل هئڻ ڪري اهڙين ڪاروائين کي اسلام جي نالي سان تعبير ڪرڻ لاءِ تيار نه هو.

**هو سنڌ ۾ ڄائو هو، سندس قبيلي جي مصنف مزاج ۽ مهذب حاڪمن جي هٿ ۾ سنڌ جي حڪومت جي واڳ هئي. ان جا پر وارا هندو راجا ۽ مڪاني راڻا به گڏيل ملڪي مفاد ڪري معاون ۽ مددگار هئا. تنهن ڪري هو ان نتيجي تي پهتو هو ته سنڌ جا رهاڪو وطن، زبان، گڏيل ملڪي مفاد ۽ روايت جي نقط نگاهه کان علحده قوم هئا.**

مسلمانن جي جداگانه قوم جو نظريو ڌارين مسلمان حڪمرانن جي سنڌ تي تسلط قائم ڪرڻ لاءِ هڪ ڏوڪو هو. تنهن ڪري هي پاڻ، سندس خليفا ۽ سندن دوست نواب دريا خان انهيءَ نتيجي تي پهچڻ بعد مذهب جي نالي ۾ جملي مسلمانن کي هڪ گڏيل قوم تسليم ڪرڻ جي خلاف هئا. تاريخي حقيقتون ان جي خلاف ڏنيون هئائون. ان ڪري جڏهين سيد ميران محمد شاهه جونپوري سنڌ ۾ آيو ۽ غلبه اسلام جي نالي ۾ پاڻ کي مهدي سڏائي بيعت وٺڻ لڳو ته ان نظريي کي هن سنڌي مفاد لاءِ نقصانڪار سمجهي، ان جي مخالفت ڪري سيد ميران محمد شاهه جون پيڙيون سندس خليفي سيد حيدر عليه سن واري هٿان پوڙائي ان نظريي جي سنڌ ۾ وڌيڪ پرچار ڪرڻ کي روڪي هن کي افغانستان وڃڻ تي مجبور ڪيو.

هن کي پتو هو ته مسلمان تاريخ ۾ ڪڏهين متحد نه ٿيا هئا ۽ نه سڀيئي مسلمان سڏائيندڙ صحيح اسلامي تشريح مطابق صحيح مسلمان هئا، نه سڀيئي غير مسلم ڪافر هئا. ماڻهن جي مذهبن ۾ موجوده ورهاست مصنوئي ۽ غلط هئي. ڪيترا ماڻهو غير مسلمانن ۾ خدا پرست ۽ صالح العمل ۽ صلح پسند هئا ۽ ڪيترائي مسلمان ظالم، غاصب، ڌاڙيل ۽ مفسد هئا. ان ڪري هن سنڌين جي جداگانه قوم جي بنياد تي سنڌ

جي سما حڪومت جي ارغونن جي خلاف مدد ڪئي. سندس معتقد ارغونن خلاف هندن سان گڏجي لڙيا.

جڏهين ڄام فيروز جي نا اهلي ۽ درٻار ۾ ٻاهرين جي اثر ڪري نواب دريا خان بد دل ٿي وزارت کان ٻاهر نڪتو ۽ ارغون مُلڪ فتح ڪندي ٺٽي پهتا. آخر وقت ۾ نواب دريا خان سنڌ خاطر وڙهندي شهيد ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ نواب جي فرزندن موٺڻ خان ۽ محمود خان راڻي رٹمل ۽ جوڌا سنگهه سوڍن، سهتن ۽ مخدوم صاحب جي مريدن ٽلٽيءَ وٽ ٻيو دفعو جنگ ڪئي، جنهن ۾ سڀ شهيد ٿي ويا. ان کان پوءِ مخدوم صاحب کي پتو پيو ته آئينده وار مٿس ٿيڻ وارو هو. سنڌ جون حالتون ناسازگار هيون، گهڻو جو امڪان نه هو، ان ڪري هن فيصلو ڪيو ته پاڻ اڪيلو سِر ڏئي. ڪيس ٻين خليفن جي اهنسائي اصولن جو پتو هو پر سيد حيدر عليہ سن واري جي جوشيلي طبيعت ڪري هن ڪيس حڪم ڪيو ته ڪَڇ ڏي هليو وڃي. جو مرشد جو حڪم مڃي اوڏانهن هليو ويو. ان وچ ۾ ڄام صلاح الدين گجرات کان لشڪر وٺي وري ٺٽي تي ڪاهه ڪئي. ڄام فيروز شاهه بيگ کان مدد لاءِ گهر ڪئي. جنهن سندس فرزند شاهه حسن جي هٿ هيٺ گجرات جي لشڪر سان لڙڻ لاءِ فوج ڏياري موڪلي. جوڻ جي ڳوٺ ويجهو ٽندو غلام علي (هن وقت ڦِٽل آهي) وٽ لڙائي ٿي. شاهه حسن فتح ڪئي. ان ۾ پهرين ڄام صلاح الدين جو فرزند هيبت علي خان مارجي ويو، پوءِ ڄام صلاح الدين به لشڪر سميت مارجي ويو. مرزا شاهه بيگ هڪ سال کن سنڌ ۾ رهيو. آخر گجرات تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ تياري ڪندي جڏهين آگهم ڳوٺ ۾ پهتو ته **12** شعبان **928**هه مطابق **1521**ع تي وفات ڪيائين. ان کان پوءِ مرزا شاهه حسن نصرپور جي ڳوٺ ۾ پيءُ جي گاديءَ تي ويٺو. جتي جا سيد، قاضي، وڏيرا ۽ زميندار فاتح خواني ڪرڻ ۽ مبارڪ باد ڏيڻ لاءِ وٽس آيا. ان کان پوءِ شاهه حسن ڄام فيروز کي رهيل حڪومت تان لاهڻ لاءِ ٺٽي طرف آيو. ڄام فيروز اها ڳالهه ٻڌي ڪَڇ ڏي ڀڄي ويو جتان لشڪر وٺي وري شاهه حسن سان جنگ ڪرڻ لاءِ ٺٽي طرف روانو ٿيو. اها ڳالهه ٻڌي شاهه حسن وري راهمڪي بازار جي پر وارن ڳوٺن چاچڪن ۽ راهمن وٽ اچي ڄام فيروز جي لشڪر کي سامهون ٿيو. سَمن جو لشڪر خوب لڙيو پر نيٺ شڪست کاڌائين. ڄام فيروز گجرات ڏي ڀڄي ويو. سنڌ تي ارغونن جو پورو قبضو ٿي ويو.

شاهه حسن هاڻي مخالفت جي اڏن کي ختم ڪرڻ پويان پيو. سَن جي شهر ۾ ڪجهه وقت لشڪر جي ڇانوڻي وجهي مڪاني مخالفت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪيائين. سيد حيدر عليه اُڳيئي ملڪ ڇڏي ويو هو ان ڪري ڪابه مخالفت ڪانه ٿي. ان ڪان پوءِ مخدوم بلاول کان انتقام وٺڻ لاءِ ٺلهيءَ طرف آيو. مُلن کان مخدوم صاحب جي ڪافر هئڻ جي فتويٰ وٺڻ ۾ هن کي دير ئي ڪانه ٿي. ان لاءِ جُتيءَ ۾ قرآن جا اکر ڇَپائي مخدوم صاحب ڏي سوکڙي موڪلي ويئي. جنهن ان کي مٿي سان پڏي ڇڏيو.

ان کانسواءِ ٻيا به طريقا اختيار ڪري هن کي **2** رجب **930**هه مطابق **6** مئي **1523**ع تي گهاڻي ۾ پيڙائي شهيد ڪرائي ڇڏيو. هي سنڌ جي سورمن ۾ چوٽون ۽ عالمن ۽ درويشن ۾ پهريون هو جو سنڌ جي عزت ۽ ناموس لاءِ سر ڏيئي سرهو ٿيو.

********

## 5

# شاهه عنايت الله عليه عرف شاهه شهيد صوفي جهوڪ

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين، آديسي أٿي ويا مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.
"شاهه"

....................

سنڌ پيغمبر خدا حضرت رسول مقبول صلعم جو پيارو مُلڪ آهي. ان ڪان ڪيس ٿڌي هِير آئي هئي، اهو ملڪ ڪيترن ئي بهترين روايتن جو حامل آهي. محبت، سلامتي ۽ عالم جي آبادي اُن جا خاص پيغام رهيا آهن. نفرت، فساد، بدخواهيءَ کان ان جا رهاڪو اڪثر پاسي رهيا آهن.

سنڌ هڪ مردم خيز ملڪ آهي، ان جي سرزمين ڪيئي بزرگ پيدا ڪيا، جن جون مزارون ۽ مقبرا، سماڌيون ۽ آشرم اُن جي گوشي گوشي ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪو وقت اهڙو بہ هو جو هِتي جا درويش ۽ عالم لاهور، دهلي، برهانپور، گجرات بلڪ عرب تائين وڃي پيغام حق جو آواز بلند ڪندا هئا. پر اڄ اُهي مڙهيون ۽ مڪان خالي نظر اچن ٿا. شاهه لطيفؒ اهڙي حالت کي ڏسي فرمايو آهي:

**ويا سي وينجهار، هيرو لعل ونڌ ين جي،**
**تنين سندا پويان، شيهي لهن نہ سار،**
**ڪتين ڪٿ لهار، هاٿي انهين پيٺين.**
**(شاهه)**

انسانذات جي رهبري ۽ هدايت، اتحاد ۽ امن، ترقي ۽ تهذيب لاءِ جي راهون ۽ رستا رٿيا ويا آهن، مذهب جو انهن ۾ مکيه درجو آهي. ليکن مذهب جون به ٻه جدا تشريحون پئي کيون آهن.

## هڪڙيءَ جو واسطو

عام ماڻهن جي ضروريات، حالات ۽ نفسيات جي بنياد تي رٿيل رسم ۽ رواج، عبادت ۽ دستورن سان پئي رهيو آهي جنهن کي مسلمانن ۾ عام طور شريعت جي نالي سان سڏيو ويجي ٿو.

## ٻي تشريح جو لاڳاپو

رموز حقيقت ۽ اسرار ڪائنات جي کوجنا، اتحاد انساني، امن عالم جي مقاصد ۽ ماڻهن جي ذهني صلاحيت ۽ نفسياتي اصلاح سان پئي رهيو آهي، جنهن کي عام طور طريقت يا تصوف جي نالي سان سڏيو ويجي ٿو. چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن پوئين سمجهاڻي جا ڄاڻو هر ملڪ جي رهاڪن، هر قوم جي ماڻهن ۽ هر مذهب جي پوئلڳن اندر موجود پئي رهيا آهن. جن جا مقصد ۽ مُرادون ساڳيا هئا.

انهيءَ تشريح جي ڄاڻن اڪثري محدود دائري اندر ڳُجهي نموني سينه بسينه رازن ذريعي انهيءَ تعليم کي (گيانوان) راسخ العلم، اهل نظر ۽ صاحبِ دل ماڻهن ۾ پئي پکيڙيو آهي. مسلمانن جي انهيءَ گروهه کي صوفي سڳورن جي نالي سان پئي ڪوٺيو آهي.

اهڙن بزرگن جا هر مُلڪ ۽ زماني ۾ ادارا (Institutions) هئا. سنڌ ۾ به اهڙا ادارا يا آشرم رهيا آهن. رواجي طرح ته ساري سنڌ درويشن جي درگاهن سان ڀري پيئي آهي. جن جون درگاهون اڄ تائين عام خاص جون زيارت گاهون پئي رهيون آهن.

پر هتي آءٌ صوفي ادارن جو ذڪر ڪريان ٿو. هي ادارا منهنجي نظر ۾ بين الاقوامي اتحاد ۽ اَمن جي پرچار جا مرڪز پئي رهيا آهن. جن جو وجود هر ملڪ ۽ زماني ۾ پئي رهيو آهي. انهن جا قِسم ۽ مَتا ساڳيا رهيا آهن، ليڪن طريقه ڪار علحده هئن.

هڪڙن علم ۽ گيان کي ترجيح ڏني، ته ٻين عشق ۽ پگهتيءَ کي رهبر راهه ٿي بنايو.

هتي آءٌ شاهه عنايت الله عليه صوفيءَ جهوڪ واري جو ذڪر ڪريان ٿو. جنهن صوفياني تعليم کي نقاري جي چوٽ تي کُليو کُلايو ان دور ۾ ظاهر ڪيو جڏهن اجا اورنگزيبي ڪٽرپڻو مُلا جو زاد راڄ هو. ان ڳالهه جي هن پرواهه نه ڪري حق جو آواز بلند ڪندي سر ڏيئي سرهو ٿيو. هن جي پيغام ۽ تعليم جي احوال ڪرڻ کان اڳ سندس شخصي زندگيءَ جو ذڪر ڪريان ٿو.

**شخصي زندگي:** شاهه عنايت الله عليه جي والد جو نالو مخدوم فضل الله هو. جو سنڌ جي مشهور بزرگ مخدوم صدرالدين عرف صدو لانگاهه عليه جي اولاد مان هو.

هي بزرگ ميران پور جي ڳوٺ ويجهو موجوده جهوڪ تعلقه ميرپور بٺوري ۾ رهندو هو. سندس سنه ولادت ۽ مفصل احوال محفوظ نه ٿيڻ ڪري ملي نٿو سگهي. ان ڪري سندس احوال چند پراڻن ڪتابن جهڙوڪ تاريخ تحفةالڪرام، مقالات شعرا ۽ ٻين ڪتابن ۽ ڏند ڪٿائن مان جيڪو ملي سگهيو آهي سو پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو.

هن بزرگ ظاهري علم ڪٿي ۽ ڪهڙن عالمن کان پڙهيو ان جو پتو نه آهي. البت سندس سلسله طريقت جو احوال ملي ٿو ته هي مخدوم عبدالملڪ ولد شاهه عبيدالله برهانپوريءَ جو مريد هو. اهو بزرگ سلسله قادريه سان واسطو رکندڙ هو. جنهن بابت مختلف روايتن جو ذڪر مون سندس سجاده نشين سائين ميان عبدالستار صاحب جي زندگيءَ جي احوال ۾ پنهنجي تصنيف "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي. جنهن کي هتي دهرائڻ مناسب نٿو ڄاڻان. هي ۽ صاحبڏنو فقير درازن وارو هڪ ئي چشمه فيض مان سيراب ٿيا هئا، جنهن جي اولاد مان سچل سرمست پيدا ٿيو.

هن جڏهن پيغام حق پکيڙڻ شروع ڪيو ته سنڌ جي ڪُنڊ ڪُنڊ مان ڪيئي طالب اچي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيا. انهيءَ وقت سنڌ تي مغل گورنرن جو راڄ هو جي ٺٽي ۾ رهندا هئا. اورنگزيب جي ڏينهن ۾ پيدا ٿيل تعصب جو اثر اجا تائين مُلن

تي قائم هو. ان ڪانسواءِ پر وارا پِير جهڙوڪ: ميان عبدالواسع شاهه عبدالڪريم جي سجاده نشين ۽ زميندار جهڙوڪ: حمل جت، وڏيرو نور محمد پليجو پيلي وارو. مُلن هن جي تعليم ۾ سندن مستقل مفاد کي نقصان پهچڻ جو امڪان ڏسي مغلن جي نواب اعظم خان جي ڏيان تي شاهه عنايت الله عليه جي خلاف غلط خبرون پڄائي برخلاف ڪيو. ان دهليءَ جي مغل بادشاهه فرخ سير کي رپورٽ موڪلي صوفي صاحب خلاف قدم کڻڻ لاءِ اجازت گهري. ان تي هن ميان يار محمد ڪلهوڙي، مير شهداد خان ۽ پر وارن زميندارن کي، صوفي صاحب کي قيد ڪري وٺي اچڻ لاءِ حڪم ڪيو. چورڻ ۾ اچي ٿو ته فقيرن ڇهن مهينن تائين مقابلو ڪيو، جن شهيدن جا گنج اجا تائين صوفي صاحب جي درگاهه پرسان يادگار ٿيا بيٺا آهن. نيٺ صوفي صاحب ماڻهن کي وڏيڪ خونريزي کان بچائڻ خاطر حڪومت جي ڪارندن جي وعدن ۽ انجامن تي ساڻن گڏجي نواب صاحب وٽ آيو. ڪيس خبر هئي ته ساڻس ڇا ٿيڻ وارو آهي. نواب صاحب مُلن کي گهرائي هن سان بحث مباحثا ڪرائي انهن کان سندس قتل لاءِ فتويٰ وٺي ڪيس ***17*** صفر ***1130***هه تي شهيد ڪرائي ڇڏيو. قتل ٿيڻ مهل پاڻ فرمايائون:

سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد،
اين بار گران بود ادا شد چه بجا شد.

معنيٰ: حق جي راه ۾ سر قربان ڪرڻ سان زندگيءَ جي بنيادي مقصد پوري ڪرڻ جو ذمون لهي وڃي ٿو.

سندس سلسلي طريقت جا هيٺيان معتقد يا طالب رهيا آهن.

***1***. سيد جان الله شاهه رضوي روهڙيءَ وارو.
***2***. روحل فقير ڪنڊڙيءَ وارو.
***3***. فقير قادر بخش "بيدل" روهڙيءَ وارو.
***4***. سيد رکيل شاهه صوفي فتح پور گنداواهه.
***5***. صادق فقير صوفي عمر ڪوٽ.
***6***. سيد قطب شاهه صوفي جهانيان حيدرآباد.
***7***. نواب ولي محمد خان لغاري تاجپور.
***8***. دريا خان فقير هيسباڻي.

**9**. دلپت صوفي روھڙيءَ وارو ۽ ٻيا.
سنڌس مزار جهوڪ جي ڳوٺ ۾ آهي جتي **17** صفر هر سال سنڌس ورسيءَ تي ميلو لڳندو آهي. سنڌس مقبري تي لکها روپيا خرچ ڪري يادگار قائم ڪيو ويو آهي. ليڪن افسوس اهو آهي ته اهڙي بزرگ جي تعليم، ملطوظات ۽ پيغام جي هٿ ڪري پکيڙڻ طرف پورو توجهه نه ڏنو ويو آهي.

وقتي است ڪه آوازه، منصور ڪهن شد،
من از جلوه دهم، دار و رسن مارا.

وانگر وقت آيو آهي ته انجي پيغام کي نئين سر ظاهر ڪري ملڪ مان نفرت، ڪٽرپڻي، مذهب جي غلط تشريح جي پاڙ پٽڻ لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي. هي سنڌ جو منصور هو.

**سندس تعليم ۽ پيغام:** هن جي بنيادي تعليم جا مَتا هيٺيان آهن.

**1**. وحدت الوجود جو اظهار.
**2**. وحدت انسانيءَ جو پرچار.
**3**. وحدت مذاهب جو ذڪر اذڪار.
**4**. ظاهري شريعتن واري دين منظمن جي اهميت کان انڪار.

**ڀهريون متوءِ وحدت الوجود:**

هن نظريي کي ويدانيت ۽ پئنٿيزم جي نالن سان به سڏيو وڃي ٿو. ان نظريي مطابق ذات حقيقيءَ جي وجود کانسواءِ ٻي ڪنهن به وجود کي نٿو مڃيو وڃي. ان موجب ذات هڪ آهي ٻي سڀ صفات آهي. ان نظريي کي مڃڻ ڪري دوئي گم ٿيو وڃي هر هنڌ ساڳي ذات جو ظهور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سنڌس سلسلي جو طالب دلپت صوفي فرمائي ٿو ته:

هر شي دي وچ تونهين وسدا، اپنا آپ ڇپائيه ڪيون،
اندر ٻاهر تونهين وسيا، بانورا لوڪ پلائيه ڪيون.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي صريحاً صوفي صاحب جو اثر نمايان آهي. جڏهن چوي ٿو ته:

جر تڙ تڪ تنوار، ورڻ ٿرڻ وائي هڪڙي،
سيئي سي ٿيا، سوريءَ سزوار،
هم منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهين.

## ٻيو مَتو، وحدت انساني:

سنڌس تعليم جو ٻيو اصول وحدت انساني جي سڃاڻپ جو هو. جو درحقيقت اسلام جو بنيادي پيغام هو، جنهن مطابق ماڻهن جي وچ ۾ مذهبن، رنگن، قومن، نسلن ۽ نظرين جي نالن ۾ڪڙي ڪيل نفاق جي ديوارين ڪي ٽوڙي اتحاد انساني پيدا ڪرڻو هو.

قرآن ان لاءِ صاف لفظن ۾ فرمايو آهي ته ”ڪنتم امة واحدة“ **معنيٰ**- انسان اصل ۾ هڪ ئي جنس هئا. شيخ سعدي ان جي وڌيڪ تشريح هيئين طرح ڪئي آهي:

بني آدم اعضائي يڪ ديگراندر، ڪه درآفرنش زيڪ جوهراند،
چويڪ عضوي بدردآورد روزگار، هم عضوها را نماند قرار۔

**معنيٰ**: انسان ذات اصل ۾ هڪ جوهر مان پيدا ٿيل هڪ جنس ۽ جسم وانگر آهي.

انجو مثال اهڙو آهي جيئن هڪ عضوي ۾ درد ٿيڻ ڪري سمورو جسم بي قرار ٿيو پوي.

ان تعليم ڪي وساري مُلن شريعت جي نالي ۾ ماڻهن ۾ فرق پيدا ڪري ڇڏيا هئا جن اسلام جو بنيادي مقصد ختم ڪري ٿي ڇڏيو. ان جي رد ۾ صوفي صاحب جي پوئلڳن هيئن ظاهر ڪيو ته:

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، ڪُفر ۽ ايمان،
مظهر مولا پاڪ جو، هندو مسلمان،
تارا ڪيا تالان، سورج سندي سوجهري.
”بيدل“

...............

حقيقت ۾ هڪ ٿيو اچو ۽ ڪارو،
نينهن هنيو نعرو، هر مظهر ۾ هڪڙو.
"بيدل"

## ٽيون مَتو، وحدت مذاهب:

سنڌس ٽيون اصول سيني مذهبن پويان بنيادي وحدت جو پرڪڻ هو. وحدت الوجود ۽ وحدت انساني ۾ اعتماد رکڻ بعد مذهبن جي ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت جو ظهور ظاهر ٿيو پوي.

صوفي ان ڪري لاڪوفي ٿئي ٿو. هن جي مذهب جا مقصد اتحاد انساني، امن عالم ۽ ماڻهن جي روحاني ۽ جسماني ترقي ٿين ٿا. انهيءَ مقصد کي مدنظر رکندي روحل فقير فرمائي ٿو:

ڪُفر ۽ اسلام ۾ ٿا، پرين اُبتا پَير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٽيون وچ وڌائون وير،
انڌن اونڌن نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪير،
روحل راهه پرين جي، گهمي ڏٺوسين گهيڙ،
نه ربُ مڙني ۾ هڪڙو، تنهن ۾ ڦند نه ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پَير، جا ستي ڪعبةالله ۾.
"روحل"

....................

بحر عميق ۾ جوئي پوئسي، دين ڪفر دا دفتر ڌوئسي.
"بيدل"

## چوٿون مَتون، دين منظمن جي اهميت کان انڪار:

صوفي عشق کي رهبر راهه بڻائي ٿو. جنهن ۾ **حُسن، حق ۽ خير** جي ڳولا جو بي انتها جذبو ۽ خواهش رهي ٿي. سچي عاشق جي نظر ۾ خدا حَسين آهي ۽ اُن جي پيدا ڪيل هر شيءِ ۾ حُسن ازلي سمايل آهي، هو ذات کان سواءِ ٻئي ڪنهن وجود کي نٿو مڃي. هن وٽ ذات هڪ آهي ٻي سڀ صفات آهي، هو هر مظهر ۾ حُسن ڏسي ٿو. انڪري وٽانس ڪاري ۽ گوري، چڱي ۽ مَدي، ڀَلي ۽ ڏيلي، ڪُفر ۽ اسلام جا تفاوت مٽجي وڃن ٿا.

"نه منجهه ڪُفر نه دين، عشق لڳئي ته ڪر آمين."
"بيدل"

هن تان ظاهر جا اختلاف مٽجيو وڃن، دوئي ختم ٿيو وڃي. سڀ جاءِ تي پرين ۽ جو مظهر پيو پسي، هو مُلن ۽ پنڊتن جا مذهبن جي ناليِ ۾ ڪڙا ڪيل تفاوت نٿو مڃي. مذهب کي ماڻهوءَ جو تابع ڄاڻي ٿو نه ماڻهوءَ کي مذهب جو محتاج ڪرڻ گهري ٿو. هو مذهبي شريعتن کي موجوده دور ۾ وحدت انساني جي راهه ۾ رڪاوٽ ڄاڻي انهن جي پوئلڳي کان انڪاري ٿي لاڪوفي **(نان الائينڊ)** بڻجي غير جانبدار رهي ٿو.

صوفي صاحب جون اهي سڀ ڳالهيون مُلا جي تشريح واري مذهب جي خلاف هيون. مُلن انهن ڳالهين کي سندن مستقل مفاد خلاف ڄاڻي بغاوت ڄاتو. صوفي صاحب جماعتي دستور ۽ پابندين کي ماڻهن جو محتاج ڄاڻي جمهور جي مفاد جي مدنظر انجي اصلاح ڪرڻ گهري ٿي. ان کي جڏهن هن صحيح سمجهيو ته حڪومت ۽ مستقل مفاد جو خوف هن کي راهه کان روڪي نه سگهيو، ۽ سندس تعليم جو کليو اظهار ڪيو.

هي عشق جي ايڏي اُتاهين مناري تي بيٺل هو جتان مذهب، حڪومت، جماعتي دستورن جا سنڌا ميٽجي ويا ٿي. هم اوست جي عالم ۾ غرق ٿيڻ ڪري مُلا جا مقرر ڪيل ڪوڙ- سچ، گناهه ثواب جا معيار ئي وٽس بدليل نظر ٿي آيا. هي محويت جي عالم ۾ رهڻ ڪري ڪنهنجو مخالف نه هو. هي ظاهراً بي ضرر ۽ مونن ۾ منهن وجهي گذارڻ وارو هو ليڪن منجهانس منظم مذهب جي مدارالمهامن، مُلن، حاڪمن، پِيرن سندن مستقل مفاد خلاف خطرو ٿي محسوس ڪيو.

جيڪڏهن شاهه شهيد جي زندگيءَ تي غور سان نظر ڪبي ته هن سنڌي (معاشره) سوسائٽي ۾ اهو ذهني انقلاب آڻڻ ٿي گهريو جي راءِ جو ان وقت جي قبول ڪيل مذهبي عقيدن، دستورن ۽ مستقل مفاد (Vested Interest) جي پاڙ پٽي ڇڏي ها. انڪري هنن گڏجي سندن مخالفت ڪئي.

صوفي صاحب خلاف منهنجي نظر ۾ مخالفت جا هيٺيان ڪارڻ ٻڌيا:

1. انهيءَ وقت اورنگزيبي طرز تي پيدا ٿيل مذهبي ڪٽرپڻي ۽ مذهبي تعصب جي پاڙ پٽجي ٿي ويئي جنهن مان مُلا، پِير، حاڪم جي مستقل مفاد کي خطرو هو.
2. جملي مذهبن پويان بنيادي وحدت جي پرچار دين منظم ۽ اثر کي ختم ڪري ٿي ڇڏيو.
3. سندس جماعت جو رنگ گيڙو ڪپڙو هو. جو هندوستاني سنياسي ۽ ٻڌ ڀڪشن جو رنگ هو ان مُلا کي ناراض ڪيو ٿي.
4. هن جي راءِ موجب مذهبي عقيده بندي ۽ خدا جي وچ ۾ شخصي معاملو هو ان ۾ ٻيا ڪنڙ کي دست اندازي ڪرڻ جو اختيار نه هئڻ گهربو هو. جنهن ڳالهه مذهب ۽ سياست کي علحده ڪري مُلا ۽ حاڪم جي مذهب تي هڪ هٽي (Monopoly) کي ڪيري ٿي ڇڏيو.
5. هن مُلا جي نقطي نگاهه واري مسلمانن جي جدا قوم کي تسليم نه ڪري انکي غلط، فرسوده ۽ غير اسلامي سمجهيو ٿي. هن واٽ هر صالح ماڻهو بنا تفاوت مذهب جي مومن هو ۽ هر غير صالح ماڻهو بي راهه هو. هن زماني ۾ انسانيت جي مذهب جو پرچار ٿي رهيو آهي صوفي انجو باني هو. هن سنڌ ۾ آزاد خياليءَ، انسان دوستيءَ، محبت، وحدت الوجود ۽ وحدت مذاهب جو پايو وڌو. اهڙي ڪلمي حق جي پاداش ۾ شهيد ٿيو. هو نفرت، نفاق، دوئيءَ، تعصب جو پاڙ پٽو هو. جيستائين سنڌ سلامت آهي انجو آواز ان جي هر ڪُنڊ ۾ گونجندو رهندو. اُن کي ڪابه شيءِ مِٽائي نه سگهندي.

هن ڪان پوءِ سنڌ جي تصوف پوري شڪل اختيار ڪئي. هن جيڪي چيو ان ڪان وڌيڪ هن سائنس ۽ علم جي دور ۾ به چئي نٿو سگهجي. هو لاڪوفيت (نان الائنمينٽ) ۽ رواداري (Co existence) جي جديد نظرين جو ايجاد ڪندڙ هو. هي سنڌ جي پنجن هزارن ورهين جي تعليم ۽ تهذيب جو پيغام رسان هو. جيئن

پيغمبر خدا کي خاتم النبي سڏجي ٿو تيئن هنکي خاتم پيغام سنڌ سڏيون ته هرج نه آهي.

....................

# نتيجو

سنڌ جي مکيه شهيدن جا هي قصا ماڻهن جي تفريح طبع لاءِ پيش ڪونه ٿو ڪريان. پر اُن مان منهنجو مقصد سنڌ جي نوجوانن جي تعليم ۽ تربيت هڪ طرف ته منجهن قومي غيرت ۽ ايثار جو مادہ پيدا ڪرڻ ٻئي طرف آهي. قرآن ۾ آهي ته:

"لقد کان في قصصهم عبرته للا ولي الالباب."

**معنيٰ**: اڳين جي ڳالهين مان صاحب نظر کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي.

مٿي ذڪر ڪيل اصحاب جي زندگيءَ مان هيٺيان سبق حاصل ڪري سگهون ٿا:

## راجا ڏاهر جي زندگي:

هن مان سبق حاصل ٿئي ٿو ته قومپرستي، وطن جي حفاظت ۽ ان لاءِ قرباني ڏيڻ ڪنهن خاص مذهب، فرقي، نسل، گروهه جو مخصوص ورثو نه آهي. خدا جنهن کي ڏئي ان کي اُها ڏات ملي ٿي. شاهه صاحب ان لاءِ فرمايو آهي ته:

ڪانه پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اگهيا.

قرآن به شاهدي ڏئي ٿو ته، حق جي راهه ۾ قتل ٿيلن کي مُئل نه چائو. هو هميشه **تاريخ** ۾ زنده رهن ٿا صرف عام ماڻهو انکي ڏسي ۽ پروڙي نٿا سگهن.

# دودي سومري جي زندگي:

هن مان هي سبق حاصل ٿئي ٿو ته حق جي راهه ۾ ڪٽڻ ۽ هارائڻ جا ليکا ڪرڻ عاشقن جو مَرڪ نه آهي.

ماڻهوءَ جي بزرگي ان ۾ نه آهي ته ڪٽڻ جي اميد تي لڙي پر ان ۾ آهي ته ڏسي وائسي طاقت ۽ ڏاڍ اڳيان سر نمائڻ کان انڪار ڪري قربان ٿي وڃي. شاهه صاحب اهڙن ماڻهن لاءِ چيو آهي ته:

"سورهيه سوچائي جوءِ رڳوئي رڻ گهري."

# دولهه دريا خان جي زندگي:

اها خبر ٿي ڏي ته قوميت جو وطن جي آڌار تي بنياد ان زماني ۾ به اسانجي مدبرن کي معلوم هو، هنن سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن لاءِ ڪوشش ڪرڻ، ملڪ جي عزت، ناموس، آزادي ۽ حفاظت لاءِ سر ترِيءَ تي رکي لڙڻ حياتيءَ جو مقصد ڪري ورتو هو. شاهه صاحب اهڙن ماڻهن لاءِ فرمائي ٿو:

ته ڪر ڪيئن مئي جي، سير نه گهڙي سهٽي،
چڪيءَ تنهن چري ڪئي، جو ڏنس ڏس ڏهي،
هتي حياتي ڏينهڙا، هڏهين تان نه هئي،
هونئين هوند مئي، پر ٻڏيءَ جا پيٽا ٿيا.
"شاهه"

# شاهه بلاول عليه جي زندگي:

هن مان اهو پتو پوي ٿو ته سنڌ جي نه صرف صوفي بزرگن پر صاحب شريعت عالمن ۽ بزرگن مان به هي مسلمانن جي جداگانه قوميت، غلبه اسلام، مهديپڻي ۽ مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جي خلاف هو. انهيءَ راءِ جي ظاهر ڪرڻ جي پاداش- قومپرستي ۽ ملڪي حفاظت لاءِ گهاڻي ۾ پيڙجڻ کان نه ڊنو. شاهه صاحب اهڙن بزرگن لاءِ فرمايو آهي:

سوري آ سينگار، اصل عاشقن جو،
مڙڻ موٽڻ ميهڻو، ٿيا نظاري نروار،
ڪُسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي.

# شاهه عنايت الله صوفيءَ جي زندگي:

هي بزرگ سنڌ جي بين الاقوامي پيغام، اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جو پيغام رسان آهي. وحدت الوجود، وحدت انساني ۽ وحدت مذاهب ان تحريڪ جا بنيادي مقصد هئا.

محبت، اهنسا، رواداري، نان الائنمينٽ (لاڪوفيت) انهن مقصدن جي حصول لاءِ ذريعا ٺهرايا هئائين.

*********************